# چانڊوڪي ۽ پٽڙيون

سيد علي احمد شاهه اجناڻي
"ساقي سروري"

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
1439 ھ / 2018ع

چانڊوڪي ۽ پٽڙيون
سيد علي احمد شاهه اجناڻي "ساقي سروري"
2018ع

Gul Hayat Institute

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
1439 ھ / 2018ع

# چاندوڪيءَ پٽريون

سيد علي احمد شاهه اجناڻي
"ساقي سروري"

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
۱۴۳۹ھ / 2018ع



ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | چاندوڪيءَ پٽريون |
| ليکڪ: | سيد علي احمد شاهه "ساقي سروري" |
| پهريون ڇاپو: | ۱۴۳۹ھ/2018ع |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | عبدالله جروار |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا |
| قيمت: | 200/= رپيا |

طالب المولىٰ اڪيڊمي
هالا


Gul Hayat Institute

# فهرست

اداري پاران: مخدوم جميل الزمان........................ط
مهاڳ : ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ........................ڪ

## چانڊوڪي ۽ پٽريون

حصّو پهريون شاعري (سنڌي/اردو)........................ 3

### نعتَ:

زبان آهي محمّد ﷺ جي ۽ آوازِ خدا آهي........................ 7
مديني پاڪ جي مٽي ۾ ڇڻ مشڪ و عنبر آهي........................ 9
ولادت با سعادت مصطفيٰ ﷺ جي........................ 10
هرڪلي، خوشبوءِ گُل، بادِ صبا تنهنجي ڪري........................ 12
هي سيّدالمرسلين آهي امام الانبيا آهي........................ 14
ذبحِ عظيم آهي شهادت حسينؑ جي........................ 16

### غزل:

اسان جو نبي ﷺ ٿيو شفيع دوجهان جو........................ 19
تنهنجي صدقي ۾ مسلمان کي ايمان مليو........................ 21
آسمان تي ڪهڪشان آهي ڪٿي........................ 23
تڪرار ڪندو جيڪو ۾ تڪرار ڪنداسين........................ 24
حسن تنهنجو جي سراپائي قيامت آهي........................ 26
جيڪا پسند ڳالهہ سين سان اُها ڪجي........................ 28
دردِ فرقت ڪان ڪيو تو آشنا او دلربا........................ 30
دلربا دلدار کي شابس هجي........................ 31
دل جون اميدون پوريون خيرالوريٰ ڪندو........................ 33
زندگي کان فرار ڇو آهي........................ 35





گلستان ڪنهن کي چوان ۽ ڪهڪشان ڪنهن کي چوان........................ 36
شام رنگين آمئہ پياري ڇڏ........................ 38
منهنجو هڪ تون ئي آهين دنيا ۾........................ 39
مون زماني جو جائزو ورتو........................ 40
نيم وا نيڻن جي تنهنجي دلبري آهي عجيب........................ 41
وفا جي بدلي ۾ آهي جفا ڇو........................ 42
ڏسو مچ محبّت جا ٻاري ڇڏياسين........................ 44
هاڻ يارن ۾ وفاداري ڪٿي........................ 46
اڄ خزان کي وري بهار ڪريون........................ 47
وفا جي راه مون پارن ڪان پڇجو........................ 48
زندگيءَ جي طويل راهن ۾........................ 50
هوش ڪر زندگيءَ جا رستا اٿئي........................ 51
تنهنجو نالو لبن تي دم دم دم........................ 52
مون زمين جي خاڪ تي ويهي شهنشاهي ڪئي........................ 54
ڪيڏو آئون تہ خوش نصيب آهيان........................ 55
درد و فُرقت جون اَهن ڳالهيون ملياسون تہ ڪنداسون........................ 56
مون مجبوراً ٿي توسان بي وفائي ڪئي، خبر ڪا ٿئي........................ 57
زندگي مختصر هئي گهاري ڇڏيم........................ 58
هِن جهانِ رنگ و بُو ۾ ڪو جهان پئدا ڪريون........................ 59
واقعي گل گلاب جو آهين........................ 60
هر روز محبّت جو انداز بدلجي ويو........................ 61
دستِ نازڪ سان جام پياري ڏس........................ 62
فلڪ زمين کي ستارن جا موڪليا (سهرو)........................ 64

### قطعات:

تو ڪيا سجده خدا کي ۽ جبين ڪاري ڪئي........................ 67
زلزلي جي نگاهہ محلن تي........................ 67



Gul Hayat Institute

پراون سان ڏوراپا ڪهڙا ڪبا ........................ 68
وٺي تي نه نالو نه جنهنجو نشان ........................ 68
ڏسان ٿو عقلمندن جو گريبان تار پيو ڏسجي ........................ 69
هٿ وٺي پاڻ کي خراب ڪرڻ ........................ 69
تنهنجي مئخاني ۾ حياتي ملي ........................ 70
ڪير ٿو چئي ته وقت گذري نٿو ........................ 70
هيڏا پُر لطف نظارا ۽ نوائي سهڻا ........................ 71
وقت آيو ته وقت کي ڏسبو ........................ 71
پهرين چئه لاالٰه الاالله ........................ 72
زندگيءَ کي وري جو ويجهو ڏٺم ........................ 72
جنهن کي پنهنجو تون "ساقي" سمجهين ٿو ........................ 73
ڪي ته جيئري ۽ مرندي تي ويا مورَ ........................ 73
ٿيندي قبول هرڪا دعا اُنجي بر ثواب ........................ 74
هن جهان ۾ نه ڪير آ ڪنهنجو ........................ 74
تو سوا ڪيئن پلا گذاريندس ........................ 75
چوري چوري رات جي تنهائي ۾ ........................ 75
مسجدن ۾ ته آهي خون ريزي ........................ 76
افسوس اسان جي ذهن تي صد حيف اسان جي سوچن تي ........................ 76
دنيا آهي دورنگي ذهن سان ۽ سوچ سان هلجئين ........................ 77
بي وفا روح ٿي ويو پرواز ........................ 77
ساقي شراب پيار مرڻ تائين پيو پيان ........................ 78
آسمان جي هر ستاري دم ڏنو ........................ 78
رات جي پوئين پهر ۾ ساقي ........................ 79
ڪئين سال لنگهي ويا منهنجا سڄڻ ........................ 79
ڪهاڙين سان ۽ ڪوڏر سان اُنهن جو ڪنڌ پچنداسون ........................ 80
ڪنهن حسين جو مان خال و خط آهيان ........................ 80







مون زندگيءَ ۾ فقط ڪڙو پيرو توڪي ڏنو ........................ 81
ڪڏهن ته پنهنجي پاڻ مان راحت وٺي وڃون ........................ 81
زندگيءَ کي فنا ڪري ته ڏسو ........................ 82
تون ڪڏهن پاڻ سان پنهنجي به شڪايت نه ڪجئين ........................ 82
هي ڪريم النفس نفسِ مطمئن نفسِ رسولص ........................ 83
پاڻ کي پاڻ ۾ ڳولهي ۽ پروڙي ته ڏسو ........................ 83
مندر ڏٺم ڪليسا ڏٺم ڪربلا ڏٺم ........................ 84
هن جهان ۾ جي رهڻ چاهين چريو ٿي رهجئين ........................ 84
مون ته صحرا ۾ ڪيئي نمازون پڙهيون ........................ 85
ڪوڙي سچي مگر ڪا خوشيءَ جي خبر ٻڌاء ........................ 85
اِهو قرآن ۾ ۽ پڻ حديث پاڪ ۾ آهي ........................ 86
چنڊ چوڏهينءَ جو ڏٺم روئي ڏٺم ........................ 86
منهن جا افڪار هي ٻڌي ماڻهن ........................ 87
صبح جو جام ڪو پيون ساقي ........................ 87
منهنجي آهِ نيم شب جو هي عجيب تاثير ٿيو ........................ 88
ماڻهو ڪيڏو نه بيوقوف آهي ........................ 88
جيڪي پنهنجن جا پاڻ ٿيا دشمن ........................ 89
رسمِ الفت نياڻٽي آهي ........................ 89
آخري وقت آهي توکي ئي پارت آهي ........................ 90
منهنجا مرشد ۽ مُنهنجا پير مُغان ........................ 90
صبح جو پهر آهي ڏيو ڪو جام ........................ 91
ڪي ته جيئري ئي مرندي تي ويا مورَ ........................ 91
حشر جو ڏينهن ۽ ڪيڏو نه حسين هوندو رنگين ........................ 92
منهنجي مئخاني کي آباد ڪرڻ وارا اچ ........................ 92
قسم خدا جو رياڪار واعظ بي پير! ........................ 93
جيئن لڪل ڪو خزانو صحرا ۾ ........................ 93




Gul Hayat Institute

نہ تخت و تاج ۾ ڳولهيو نہ شهنشاهن ۾ ........ 94
تو سچي عمر ڪئي وفا ساقي ........ 94
هم قافيہ انسان ۽ حيوان آهي ........ 95
اڪيلو آيو آهيان ۽ اڪيلو ويندس مان ........ 95
ڪيڏو حسين ڪيڏو نہ تون دل فريب اهين ........ 96
ثريا ڪهڪشان ۽ چنڊ تارا ........ 96
ياعليؑ آهين ناطق قرآن ........ 97
جو باڪردار، ڪم گو، خلق وارو ۽ صبر وارو ........ 97
ربّ سائينج وڏو رحيم آهين ........ 98
جفا شناس اوهان ڪجھ وفا ڪري تہ ڏسو ........ 98
رات جيڪا بہ تون سان گڏ گذري ........ 99
پير منهنجو جتي جتي آهي ........ 99
زندگي ڇا هي ڪا خبر ناهي ........ 100
ڪالهوڪو ڏينهن آهي گڏ هئاسون ........ 100
ايڏو بہ تون وسار نہ جيئري مري وڃان ........ 101
منهنجو رقيب مونتي وڏو مهربان آ ........ 101
منهنجون هزارين تو ۾ اميدون سڄڻ رهيون ........ 102
ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڪڏهن ڪو نہ اختلاف ڪبو ........ 102
زندگيءَ جي حسين راهن ۾ ........ 103

## فرد

فرد ........ 105
اردو شاعری ........ 109

## غزل

جام و مینہ، صراحی، پیمانہ ........ 111
کہکشاں سے گذر کے آیا ہوں ........ 112
راستوں کا سفر تو جاری ہے ........ 113



چاندوڪي ۽ پٽريون

روز مرتے ہیں اور طعنے ہیں ........ 114
مجھ کو جینے دو مجھ کو جینے دو ........ 115
ہم خزاؤں میں پلنے والے ہیں ........ 116
بند گی میں مجھے خدا نہ ملا ........ 117

## قطعات

اگرچہ مجھ کو ضرورت نہیں ہے لوگوں کی ........ 121
گلبدن ہو یا گل بنفشہ ہو ........ 121
لوگ سمجھیں نہ پارسا مجھ کو ........ 122
کیسے آئے ہو تم یہاں مجنوں ........ 122
تم مجھے چھوڑ کر گئے لیکن ........ 123
پھول کھلتے ہیں تیرے گلشن میں ........ 123
مفلس و بے دیار ہو ساقی ........ 123

فرد ........ 124

حصّو ٻيو نثر ........ 125

ضميمو (سوانح، ڪتاب سنگِ در تان ورتل) ........ 157



Gul Hayat Institute

# اداري پاران:

سيّد علي احمد شاهه "ساقي سروري" انهيءَ دور ۾ شاعريءَ جو آغاز ڪيو جنهن کي اگر سنڌي شاعريءَ جو "سنهري دور" چئجي تہ غلط نہ ٿيندو.

ساقي سروري صاحب جو شمار سنڌ جي انهن شاعرن ۾ ٿيئي ٿيو جن شاعريءَ ۾ نوان تخيل متعارف ڪرايا. سنڌي ٻوليءَ جي پهاڪن کي نہ رڳو پنهنجي اشعار ۾ جاءِ ڏنئون بلڪ اُهي سبَقَ آموز سنڌي پهاڪا بار بار شعرن ۾ آندا اٿن.

طالب المولىٰ اڪيڊميءَ پاران سنڌ جي هن بهترين شاعر ۽ اديب سيد علي احمد شاهه "ساقي سروري" صاحب جو پهريون ڪتاب "سنگِ در" 1994ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هئو. "چاندوڪي ۽ پٿريون" سندس اشعار ۽ نثر تي مشتمل ٻيو ڪتاب آهي، جنهن کي هاڻ شايع ڪرايو پيو وڃي، هن ڪتاب جي ترتيب، ڪلام ۽ نثر جي چونڊ خود علي احمد شاهه "ساقي سروري" جي ڪيل آهي.

ڪتاب جا پروف ماستر خادم حسين "همدم سروري" ۽ سيد احسان علي شاهه "احسان" ڏٺا. جنهن لاءِ ادارو سندن ممنون آهي.

سيد علي احمد شاهه انتهائي اونهي طبيعت جو صاحب هئو سنڌ جي سياسي، ادبي ۽ روحاني تاريخ جو





اکين ڏٺو شاهد هئو. سندس اشعار ۾ انهن واقعن کي خوبصورتي سان اشارن ۾ بيان ڪيو اٿس، نثر ۾ ڪجهه اهڙا حيران ڪندڙ نڪتا بيان ڪيا اٿس، جيڪي حقيقت ۾ بي ايمان ۽ بدعتي ماڻهن لاءِ ڄڻ پٿريون آهن.

اميد آهي تہ شاعر ۽ سوچيندڙ عالم هن ڪتاب مان مستفيض ٿيندا.

**مخدوم جميل الزمان**
چيئرمين
طالب المولىٰ اڪيڊمي

1/شعبان 1439هہ
18/اپريل 2018ع
باڪو، آذربائيجان

# مهاڳ:

## سيد علي احمد شاهه هالا جي مخدوم نوح رحہ جي درگاهه جو هڪ انمول رتن

آئون 1985ع ڌاري سخي سرور حضرت مخدوم نوح رحہ جي موجوده گادي نشين سائين مخدوم جميل الزمان ”جميل“ جي محبتن ۽ رغبتن جي ٻنڌڻ ۾ آيس. مون پاري بي پيري ماڻهوءَ لاءِ اهو پهريون تجربو ۽ مشاهدو هئو ته سنڌ جي وڏي روحاني درگاهه جي گادي نشينن، سندن اولاد ۽ قريب ترين ماڻهن کي ويجهڙائيءَ سان ڏسان. هالا جي هنن مخدومن جو پنهنجو هڪ منفرد ڪلچر آهي. سندن اٿڻي ويهڻي، طور طريقن ۽ ريتن رسمن جو انداز ئي نرالو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته تصوف ۽ سماجيات جي ڄاڻن ۽ محققن کي هن ڪلچر تي باريڪ بينيءَ سان تحقيق ڪرڻ گهرجي، جو ته اهو تصوف ۽ سنڌي سماجيات ۾ هڪ نئين باب جو اضافو بڻبو.

گادي نشينن کان علاوه سندن جيڪي قريب ترين ماڻهون رهيا آهن، انهن جو مطالعو به مخدوم ڪلچر کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿو. مرحوم سيد علي احمد شاهه گهڻو وقت قبله مخدوم طالب المولىٰ جي حاضريءَ ۾ گذاريو. ان کان سواءِ قبله مخدوم محمد امين فهيم جي





خاص خدمتگارن ۽ اقابرن ۾ شامل رهيو ۽ سندس آخري سڪون جي جاءِ موجوده گادي نشين مخدوم سائين جميل الزمان جميل جي قربت، محبت ۽ خدمت ۾ گذري. جهڙوڪ هن پنهنجي مرشدن جي ته مورتيءَ واريءَ چانڊوڪيءَ ۾ زندگي گذاري.

مرحوم سيد علي احمد شاهه هڪ هاڪاري ۽ نامياري بزرگ خاندان ”اجناڻي“ جو چشم و چراغ هئو. پنهنجي وسنديءَ واري ۽ هلنديءَ واري درگاهه جي ڏٽين مان ڪيترن اجناڻي بزرگن پنهنجي هادين ۽ رهبرن هالا جي درگاهه ڏٽين جي خدمت ۽ حاضريءَ ۾ رهڻ کي اوليت ڏني. سيد حيدر شاهه اجناڻي کان وٺي ويندي سيد سيد علي احمد شاهه تائين، اجناڻين وڏا اڪابر، شاعر ۽ صوفي بزرگ پيدا ڪيا. جن مان مون کي سيد علي احمد شاهه مرحوم کي ويجهي ڏسڻ جا سوين موقعا مليا. ملنسار، محبتي ۽ اجايو گهمنڊ کان هي آجو انسان، نه فقط پاڻ پيارو هئو پر گادي نشينن ۽ شهزادن جي مهمانن سان به ڏاڍو پيار ۽ پاٻوهه سان ملندو ۽ هلندو هئو. هن مرحوم جي انهيءَ هر دلعزيزيءَ سان پريل ڪيترا واقعا منهنجي سيني ۾ سمايل آهن. مکڻ ماڻهو هئو ۽ پنهنجي مرشدن جي ادب ۽ احترام جو مجسمو هئو. مرحوم اڄ اسان ۾ ڪونهي، پر هو پنهنجي لکڻين جي صورت ۾ اڃا به هڪ انوکو ۽ امر روپ وٺي اسان اڳيان نکري نروار ٿي بيٺو آهي.

مرحوم علي احمد ڪتب بني جو شائق ڪونه هئو. مون جڏهن به هن کي ڏٺو ته سندس نيڻن سدائين پنهنجي مرشدن جي چهري طرف هوندا هئا. آوس-وند لڳندو هئو ته

هن جي مرشدن جي زبان مان محبت ۽ شفقت جي بارش ڪيئن ٿي پئي ته جيئن هو سپ وانگي بوند بهار سيني ۾ سانڍي ڪنهن موتيءَ کي جنم ڏئي.هن اتان جيڪو حاصل ڪيو اهو سندس رويي، روش، قول ۽ لکڻي مان ظاهر ٿيندو هئو.

آئون اهو چوندو آيو آهيان ته شاعري هالا جي گادي نشينن ۽ باقي مخدومن کي ڏات طور ڏٽي طرفان عطا ٿي پر جيڪڏهن اجا به باريڪ بينيءَ سان ڏسبو ته انهيءَ شاعراڻي ڏات سندن مريدن ۽ خادمن کي جهڙوڪ ونڊ طور ملي. هالا جي درگاهه جهڙوڪ سنڌ جي پختي عروضي شاعريءَ جي تخليق گاهه آهي، جنهن سنڌ کي مثالي عروضي شاعر ڏنا آهن.

مون کي ”بزمِ طالب المولىٰ“ جي ڪيترن مشاعرن ۾ مرحوم سيد علي احمد شاهه کي شاعر جي حيثيت ۾ ٻڌڻ جو موقعو مليو. سندس شاعريءَ جي ڪتاب پڙهڻ جو موقعو مليو ۽ هاڻي هن ڪتاب ”چانڊوڪيءَ پٽريون“ جي اوراق گرداني ڪرڻ جو وجهه مليو آهي. آئون اڳ ئي هن کي هڪ بهترين عروضي شاعر ڪري ميڄيندو هئس پر هن ڪتاب ۾ ڏنل سندس نظم خواهه نثر مرحوم سيد علي احمد شاهه جي شخصيت ۽ سندن پنهنجي مرشدن سان عقيدت ۽ محبت جا نوان روپ مون اڳيان پڌرا ڪري ڇڏيا آهن.

هڪ ڳالهه جا واضح نموني دل نشين ٿي وڃي ٿي، اها هيءَ آهي ته اهو سورنهن آنا سچ آهي ته اُنَ ڪتابن جي پڙهڻ بدران جيڪڏهن عالمن جي ڪچهريءَ ۾ ويهبو ته گهڻو ڪجهه پرائي وٺبو. سيد علي احمد شاهه پنهنجن ٽن





مرشدن جي حاضري ۾ گذاريو. هن شخص مختصر ۽ ٿورو نثر لکيو آهي، پر ان ۾ علم ۽ عقل جا واهڙ وهائي ڏيکاريا اٿس. ايتري ٿوري نثر ۾ قرآن مجيد ۽ حديثن جا ايترا گهڻا حوالا مون هن وقت تائين ڪنهن جي لکڻين ۾ نه ڏٺا آهن. اها ڳالهه ڏني وائني سمجهه کان ٻاهر آهي ته هڪ سادو سلوڻو ماڻهو جنهن تي ڪڏهن اهڙو وهم گمان به جلدي نه اچي، سو جڏهن لکي ٿو ته سندس نثر قرآن ۽ حديث جي حوالن ۽ نثري ترجمن جو گلدستو بڻجي پئي ٿو. سيد مرحوم علي احمد شاهه ڪير هئو؟ هن جي سموري نظرياتي ۽ فڪري تصوير سندس مختصر طور لکيل نثر ۾ موجود آهي. هو پنهنجي مرشدن جي حضور جي گلستان ۾ ايترو ته ويجهو ٿي ويٺو جو انهن جي علم ۽ اثر جي خوشبوءَ سندن نثر ۾ موجود آهي.

مرحوم سيد علي احمد شاهه جيتوڻيڪ مختصر نثر لکيو آهي پر ان ۾ عقل ۽ ڏاهپ، مذهب ۽ ماڻهپي جون وڏيون ڳالهيون ڪري ويو آهي. هن جي نثر کي اسان ٽن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. قرآني آيتن ۽ حديثن جو اپٽار، پنهنجي مرشدن جي روحاني حيثيت ۽ پنج تن پاڪ سان محبت جو ذڪر ۽ سندس پنهنجا افڪار.

فاضل ليکڪ جتي جتي قرآن پاڪ ۽ حديث جو اپٽار ڪيو آهي، اتي اتي سورة، آيت ۽ راويءَ جو حوالو ڏنو آهي، جنهن مان علمي ڄاڻ جو پتو به پئي ٿو ۽ اها ڳالهه به ثابت ٿئي ٿي ته:

”محبت ايشان خاك را اكثير كرد
لطف شان برحق دلِ تاثير كرد“



Gul Hayat Institute

مرحوم جن گلن جي پر ۾ ويٺو انهن سندس ذهن ۽ فڪر ۾ پنهنجي پنهنجي خوش بوءِ پري. هن حضرت مخدوم طالب المولئٰ جي پنجتن پاڪ جي عقيدت بابت پنهنجو مشاهدو بيان ڪيو آهي ته جڏهن جناب خاتونِ اطهر سيد النساء بنت محمد رسول الله ﷺ جو نالو مبارڪ سندن نظر مان گذريو ته سندن اکڙين ۾ ڪي هزارين درياهه هئا جيڪي موجزن هئا. هالا جا مخدوم سيدنا حضرت ابوبڪر صديق ؓ جن جو اولاد آهن. ان ڪري انهيءَ عظيم المرتب حيثيت سان سندن نسبت ۽ محبت ته لازمي آهي ئي آهي، پر انهن جي پنج تن سان عقيدت ۽ رغبت به ڏسڻ جهڙي ۽ مثالي آهي. سنڌ جي سيني معتبر درگاهه مان سندن واحد درگاهه آهي، جنهن پنهنجي عقيدت جي هار ۾ پنج تن پاڪ جي محبت کي سدا حيات گل جيان پوئي رکيو آهي.

سيد علي احمد شاهه پنهنجي نثر ۾ ٿورن لفظن ۾ تمام وڏيون ڳالهيون ڪيون آهن. هو اسان کي درس ٿو ڏئي ته دستگير ٿيڻ لاءِ صداقت ۽ سچ گوئي ضروري آهي ۽ قرآن پاڪ جي اثر ڏسڻ لاءِ مخدوم نوح رحه جي زبان جهڙي زبان هجڻ جو شرط آهي. فاضل ليکڪ پنهنجي نثري لکڻين ۾ موحد ۽ مومن جي وصف بيان ڪئي آهي. هن جي خيال ۾ ۽ اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ مومن ۽ موحد اهو آهي جيڪي ڏٺي پاڪ جي احڪامن جي پيروي ڪري، ڪفر، ڪوڙ ۽ ظلم کان پري رهي ۽ الله، نبي ڪريم ﷺ، علي ؓ ۽ علي ؓ جي اولاد سان والهانه پيار ڪري. سندس چوڻ آهي ته خدا کي هر ڪو انسان ڪنهن نه





ڪنهن روپ ۾ مڃي ٿو. خدا کي مڃڻ وارو تڏهن ئي مسلمان چئبو جڏهن اڳين جي آڌار ۽ نبين جي سردار حضرت محمد ﷺ کي مڃي ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ خواهه جند جان کان وڌيڪ ڪين عزيز سمجهي.

ديني حوالي سان مرحوم سيد علي احمد شاهه وڏيون پختيون ۽ مستند ڳالهيون ڪيون آهن پر انهن مان به ڳالهيون عقلمندن جي دلين جا دروازا کولي ڇڏن ٿيون. هڪ هنڌ تي قرآن پاڪ جي سورة سبا جي آيت نمبر 23 جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته "الله وٽ انهن جي سفارش ڪم ايندي جنهن کي مالڪ حقيقي اجازت بخشيندو." سيد لکي ٿو ته "رب ڪعبه جو قسم ته اجازت جا اهو ئي مستحق آهن جن تي رب العالمين جون نعمتون ۽ رحمت اللعالمين جون رحمتون آهن. نه انهن تي جن تي رب العالمين جو غضب ۽ رحمة اللعالمين جون زحمتون آهن." فقه ۽ تفسير جي حوالي سان سيد علي احمد شاهه هڪ وڏي عالم جي حيثيت ۾ وڏي ڳالهه ڪئي آهي. ڳالهه کي ڪمال تائين پهچائيندي لکي ٿو ته: "ذڪر حسين عليه السلام مومن لاءِ سورة الحمد آهي." تمام اهم ڳالهه ۽ تمام زبردست ثابتي اها آهي ته حضرت امام حسين عليه السلام ناطق قرآن علي ؓ جو فرزند ارجمند هئو ۽ سندن حياتي خواهه شهادت قرآن پاڪ جو تفسير هئي. الحمد شريف خدا جي خدائي ۽ ڪبريائي جي ڪمال جو خاڪو آهي ۽ ان ۾ خدا ڏانهن بندي جي سپردگيءَ جو مثالي درس موجود آهي. حضرت امام حسين عليه السلام ميدانِ ڪربلا ۾ الحمد شريف جو عملي تفسير بڻجي ڏيکاريو. نيزن جي بارش ۾ الله جي



Gul Hayat Institute

عبادت ڪيائين ۽ خدا کان گهريائين! هن امام الامام ظالمن ۽ مظلومن، غضب هيٺ آيل ۽ خدا جي غضب کان بچيل انسانن جي تفريق ۽ عملي تقسيم ڪري ڏيکاري. ان ڪري سيد علي احمد سورنهن آنا ۽ سوفي صدي سچ لکيو آهي ته ذڪر حسين عليہ السلام مومن لاءِ سورة الحمد آهي. ڇوته سندن والد ناطق قرآن هئو ته پاڻ مفسر قرآن آهن.

فاضل ليکڪ پنهنجي نثري تحرير ۾ هڪ ڏاهي، عالم ۽ مومن جي صورت ۾ اسان جي اڳيان اچي ٿو. هن فقط ڏين جون ڳالهيون ڪونه ڪيون آهن، پر ڏرتيءَ کي به دل سان ساريو اٿس. هي مثال ملاحظہ فرمايو:

1. ”مون دنيا جا فيلسفوف ڳولهيا، سرفهرست وتايو فقير نظر آيو.“
2. ”سنڌ سڪرات ۾ آهي ته ڇا ٿيو؟ لطيف جهڙو مسيحا ته موجود آهي.“

منهنجي شاعريءَ سان محبت ته رهي آهي، ليڪن اهڙي شغف باجود شاعريءَ تي ناقدانہ نظر وجهڻ پنهنجي وس کان ٻاهر جي ڳالهہ سمجهان ٿو. سيد علي احمد شاهہ جي پيٽ ۾ پاڻ کي طفل مڪتب ۽ ڪيس برجستو شاعر ڄاڻان ٿو. هن مرحوم کي جڏهن به ٻڌم حظ حاصل ڪيم. سندس شمار اهڙن عروضي شاعرن جي صف ۾ ڪري سگهجي ٿو جن کي عروضي شاعريءَ جي فني لوازمات ۾ ملڪو حاصل رهي ٿو. جن جي ٻولي سادي ۽ سلوڻي آهي، پر خيال اوچا ۽ اعليٰ آهن.

اسان جو هي سڀاجهو ۽ سياڻو شاعر پنهنجي مختصر





ڪلام جي توسط سان هڪ بلند پايئہ نعت گو شاعر جي حيثيت ۾ پاڻ مڃائي ٿو. هن جي هر نعت سندس ديني مطالعي، محبت، عقيدت ۽ نسبت جي انمول ڪهاڻي آهي. سندس نعتن ۾ اسلامي تعليم ۽ تاريخ جا اولڙا موجود آهن. باقي شاعري سندس جذبن، امنگن ۽ احساسن جو آئينو آهي. جو شخص هن ڀل مانس سان نہ مليو، اهو سندس هن مختصر ڪلام ۽ نثر کي پڙهڻ کان پوءِ سندس شخصيت ۽ عظمت کان ڀليءَ ڀت باخبر ٿي سگهي ٿو.

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ



Gul Hayat Institute

حصّو پهريون : شاعري (سنڌي/اردو)
حصّو ٻيو : نثر



# چاندوڪي ۽ پٽريون

Gul Hayat Institute

## حصّو پهريون

# شاعري

## (سنڌي/اردو)





# سنڌي



Gul Hayat Institute

# نعتَ







Gul Hayat Institute

زبان آهي محمّد ﷺ جي ۽ آوازِ خدا آهي
هي صورت والضحيٰ آهي ۽ سيرت انّما آهي

محمّد مصطفيٰ بيشڪ امامِ الانبيا آهي
انهيءَ جو شاهد و مشهود دشتِ ڪربلا آهي

خدا جي ذات جو مظهر حبيب ڪبريا آهي
خدا ناهي مگر هي مظهرِ نَورِ خدا آهي

حضورِ پاڪ تان صدقي وڃان منهنجي دعا آهي
سندس قدمن جي مٽي منهنجي لئه خاڪِ شفا آهي

سڄي انسانيت جو خون هڪ انسان جو خون آهي
ڪلامِ پاڪ ۾ فرمان هي ربّ العليٰ آهي

خدا جي طرف کان هر هڪ نبيءَ کي معجزا مليا
نبي آخر زمان جو معجزو مشڪل ڪُشا آهي

خدائ لم يزل جا ڪئين ڪروڙين ٿيا ڪرم آهن
شفيع المذنبين رهبر اسان جو رهنما آهي





اسان کي خوف محشر جو نڪي آهي نڪو ٿيندو
رسول الله اسان جو شافعِ روزِ جزا آهي

اسان عاجز ابوجهن تي خدا جو ٿيو ڪرم آهي
محمّد مصطفيٰ مرسل اسان جو پيشوا آهي

زمين تي ڪعبة الله تنهنجي عظمت جو گواه آهي
فلڪ تي ڪهڪشان منهنجي نبي ﷺ جو نقشِ پا آهي

ظهيرالدين سائين سان ڪيم ديدار مرسل ﷺ جو
وري ديدار ٿئي قبل اها ئي التجا آهي

خُمِ غدّير ۾ موليٰ مقرر تو ڪيو موليٰ
عنايت ربّ جي تي ۽ عطائ مجتبيٰ آهي

درِ اقدس تي اي بادِ صبا ڪر عرض "ساقي" جو
اڪيلو بي سهارو بي وسيلو تو سِوا آهي.

ul Hayat Institute

مديني پاڪ جي مٽي ۾ به جڙ مشڪ و عنبر آهي
هي عرش پاڪ اي موليٰ اوهان جوئي ته گهر آهي

نبيّن ۾ نبي آخر زمان نيشان بر آهي
پڙهو قرآن ۾ يٰس و طٰهٰ جو ذڪر آهي

نبي آخر زمان آهي ۽ سيد مرسلين آهي
شفيعِ دو جهان ۽ شافعِ جنّ و بشر آهي

خدا جي بعد اوهانجي ذات ئي افضل ترين آهي
حبيبِ ڪبريا آهي ۽ شاهِ بحر و بر آهي

اوهانجي صدقي ۾ مونکي ملي ويو جيڪي مون گهريو
۽ آئون بخشجي ويندس اها مونکي خبر آهي

ملائڪ، جنّ ۽ انسان خود هي شاهدي ڏيندا
"محمد مصطفيٰ ئي آخري پيغامبر آهي"

فقط مومن اُهو آهي مڃي جيڪو محمدﷺ کي
مڃي جيڪو نٿو ان تي خدا جو ڪو ڏمر آهي

گنهگار آهي "ساقي" پر اوهانجون بخششون ٿينديون
ڪرم آهي اوهانجو مونتي موليٰ جي نظر آهي





ولادت با سعادت مصطفيٰﷺ جي
برادر شيرِ يزدان مرتضيٰ جي

جماعت ۽ جميعت اَنبياء جي
امامت تي امام الانبيا جي

وڃي پهتي صدا منهنجي مديني
نوازش تي اها بادِ صبا جي

اسان تي ربّ جا ڪيڏا ڪرم ٿيا
شفاعت تي حبيبِ ڪبريا جي

جتي الله آهي اُت محمّد
ڏسو سورة مزّمل اِنمّا جي

جتي پهچي سگهيو جبرئيل ناهي
اُتي نعلين پهتي مصطفيٰﷺ جي

قيامت تائين قائم دين رهندو
اِها محنت هئي آلِ عبا جي



Gul Hayat Institute

جهان جي بادشاهي ڪا نه گهرجي
غلامي وٺي ملي شاهہِ هديٰ جي

مڃي جيڪو نه تو ختمِ نبوّت
اِها عادت اصل کان اشقيا جي

بکيو ناهيان مگر پياسو ته آهيان
سَوائي سُرڪ ڪا پِيارج شفا جي

صدائِ بازگشت آهيان ميان تو
اُتي رسندي خبر منهنجي صدا جي

وسيلو تو سِوا "ساقيءَ" جو ڪونهي
مٽئي پارت هجئي منهنجي خطا جي





هرڪلي، خوشبوءِ گُل، بادِ صبا تنهنجي ڪري
هي جهانِ رنگ و بو آهي بپا تنهنجي ڪري

هي جهان سارو خدا هرگز نه خلقي ها مگر
"ربّ خلقيو آ بشر ڪي اي مٺا تنهنجي ڪري"

حج، روزا ۽ نمازون سڀ مليون تنهنجي طفيل
ربّ جون هي نعمتون سڀ ٿيون عطا تنهنجي ڪري

مٽي پاڻي کان جدا پاڻي جدا مٽيءَ کان هئو
پوءِ آدم کي ڪيو پئدا خدا تنهنجي ڪري

ربِّ ڪعبہ جو قسم ڪعبہ کي ڪعبہ تو ڪيو
عظمتِ انسانيت جي ٿي بقا تنهنجي ڪري

قل هُوالله احد الله تو چيو سيني مڃيو
ٿا مڃون الله کي شاهہِ هديٰ تنهنجي ڪري

رحمت اللّعالمين توکي چيو ربِّ جليل
سورهِ ياسين طٰهٰ انّما تنهنجي ڪري

حشر جي ميدان ۾ عاصي گنهگارن جي لاءِ
خود خدا موجود هو پر ٿي شفا تنهنجي ڪري



Gul Hayat Institute

تنهنجي بعثت کان اڳي مجهول ۽ جاهل هئا
پو ڦري حيوان مان انسان ٿيا تنهنجي ڪري

خود خدا تنهنجو ذڪر عرشِ عليٰ تي پيو ڪري
۽ ملائڪ پيا پڙهن صلو عليٰ تنهنجي ڪري

خضر زنده آهي ۽ آقا انهيءَ جو فوت ٿيو
ان ڪري الله ڪيا توکان جدا تنهنجي ڪري

ڇا ٻڌايان يا رسول الله تنهنجا معجزا
سيده، شيرِ خدا حسنين ٿيا تنهنجي ڪري

ڇا ٻڌائي ڇا ٻڌايان داستانِ ڪربلا
سور ۽ صدما سنا آلِ عبا تنهنجي ڪري

ساقيِ ڪوثر جي صدقي يا محمّد مصطفيٰ ﷺ
دور ٿئي "ساقي" جي سر تان هربلا تنهنجي ڪري





هي سيّدالمرسلين آهي امام الانبيا آهي
هي ختم المرسلين آهي شهنشاهِ هُدا آهي

سندس ذاتِ مقدّس جو هي صدقو ڪائنات آهي
وگر نہ ربّ کي ڪنهنجي ضرورت ڪانہ ڪا آهي

مدّثر ۽ مزّمل سورة يٰس ۽ طٰهٰ
هي اعليٰ نور عالم جو حبيبِ ڪبريا آهي

قسم مون کي خدا جي ذات جي وحدانيت جو آ
خدا ناهي مگر هي مظهرِ نورِ خدا آهي

گواهي هي ڏني صدّيق اڪبر منهن تي ڪافر کي
اسان هن جي ڪري آهي مڃيو هڪڙو خدا آهي

نبي ٻيو ڪونہ ٿيندو هي نبي آخر زمان آهي
شفيع المذنبين آهي شفيعِ دو سرا آهي

خُمِ غدير ۾ اعلان حق جو صاف ٿيو ظاهر
مڃو جنهن مون کي موليٰ تنهنجو موليٰ مرتضيٰ آهي



Gul Hayat Institute

محمّد مصطفيٰ سيني نبيّن جو گواه آهي
سندس مشهود ۽ شاهد شهيدِ ڪربلا آهي

خدائي پاڪ خود اُنجا ملائڪَ جِنّ انسان سڀ
اهو صلوعليٰ جو ذڪر هر هنڌ جابجا آهي

بروزِ حشر توکي خوف "ساقي" ڪهڙو محشر جو
اُتي خود شافعِ محشر محمّد مصطفيٰ ﷺ آهي







## شانِ حسين عليه السلام

ذبحِ عظيم آهي شهادت حسينؑ جي
دنيا ۾ بي مثال شجاعت حسينؑ جي

راهِ خدا ۾ ساٿ جو نذرانو ڏئي ڇڏئين
ڪيڏي عظيم آهي سخاوت حسينؑ جي

تطهير جو هي وارث و صاحب آ اِنّما جو
اسلام جي بقا آهي طاعت حسينؑ جي

هي نورالعين آهي ۽ لختِ دلِ رسول ﷺ
اسلام جي بلندي آ طاقت حسينؑ جي

محبانِ اهلبيت ئي جنّت جا جانشين
هي حڪم آ خدا ﷻ جو ضمانت حسينؑ جي



Gul Hayat Institute

# غزل







Gul Hayat Institute

اسان جو نبي ﷺ ٿيو شفيع دوجهان جو
مدّثر، مزّمل آ ڪون و مڪان جو

خدا جو آ شڪر اهڙو هادي مليو ويو
اسان جو نبي ﷺ آهي آخر زمان جو

ٿيو آهي هڪڙو ئي مولاءِ جو طالب
انهيءَ تي آ نالو محمّد زمان جو

الائي زماني کي ڇا ٿي ويو آ
”ويو رنگ مٽجي زمين آسمان جو“

پلا ڪيئن ڪريان همسري آئون توسان
فرق تو ۾ مون ۾ زمين آسمان جو

قدم رنج فرمايو گلشن ۾ سهڻي
بدلجي ويو رنگ ساري خزان جو

ستين آسمان تي وڃي آئون پهتس
بدست آ مليو جام پيرِ مُغان جو





جي نظرن تان لاٿَوَ ڪمي هئي اسان ۾
انهيءَ ۾ ذرو ڏوهه ناهي اوهان جو

هي منهنجي جبين سنگِ در آهي تنهنجو
ڇڏيندس نه در هي قسم آ اوهان جو

زماني کي ڏئي ويو محبّت جو تحفو[1]
اهو فيصلو آ شاهِ جهان[2] جو

خبردار ”ساقي“ کي ڪنهن ڪجهه چيو آ
هي کهڙو به آهي ته به آهي اسان جو

[1] تاج محل
[2] شهنشاهه شاهه جهان

ul Hayat Institute

تنهنجي صدقي ۾ مسلمان کي ايمان مليو
دينِ ڪامل مليو الله جو قرآن مليو

اهلِ بي دين کي بوجهل ۽ مروان مليو
اهلِ ايمان کي بوذر مليو سلمان مليو

حشر جو روز هو منهنجي بہ شفاعت ٿي وئي
مونکي اُت ڪرب و بلا جو اچي مهمان مليو

مون گنهگار تي اللهؔ جو ڪيڏو ٿيو ڪرم
وارثِ دين مليو فرزندِ عمران مليو

اڻ پڙهيل آهيان مگر ڪونہ اَهيان مان جاهل
خوشنصيب آهيان مونکي ناطقِ فرقان مليو

وارثِ دين فقط وارثِ تطهير آهن
۽ منافق کي فقط نالي ۾ شيطان مليو

هن زماني جي حقيقت کي نئين سر سمجهيم
طالب المولئ جو مونکي جڏهن ديوان مليو





ڪيڏو هٿ ڪيل بنايو آهي مولئ منهنجي
هر ڪو انسان هتي مونکي پريشان مليو

”ساقي“ سچ ڳالهہ ڪجئين ڪوڙ ڪڏهن ڪين ڪجئين
توکي دنيا ۾ ڪٿي ڪو بہ ڪو انسان مليو

منهنجو مرشد تہ فقط طالبِ مولا آهي
”ساقيا“ هن جي هٿان توکي وڏو مان مليو





Gul Hayat Institute

آسمان تي ڪهڪشان آهي ڪٿي
اي جهان جانِ جهان آهي ڪٿي

منهنجي آيو شهر ۾ سهڻو سڄڻ
هن جي پيرن ڪي چمان آهي ڪٿي

ڏينهن ٿي ويا ڪو نہ ٿو ديدار ٿئي
محب منڍو خير سان آهي ڪٿي

جو ٿئي ساٿي منزلِ مقصود تي
سو اميرِ ڪاروان آهي ڪٿي

ڇو پيلا محفل ۾ اڄ ناهي مزو
جانِ من جانانِ جان آهي ڪٿي



چانڊوڪيءَ پٽريون

تڪرار ڪندو جيڪو بہ تڪرار ڪنداسين
جو پيار ڪندو ان سان گهڻو پيار ڪنداسين

جو فاتحِ خيبر آ سو سردار ڪنداسين
مولاءِ علي حيدرِ ڪرار ڪنداسين

هاڻي تہ انهيءَ ڳالهہ تي اصرار ڪنداسين
جو سر جو ڪري سودو اُهو يار ڪنداسين

غيرت جو ۽ عزّت جو نہ سودو ڪبو هرگز
سنڌوءَ تي ڪو سودو نہ ڪڏهن يار ڪنداسين

هي قوم ستل آهي مئل ڪانہ ڪا آهي
دانهون ڪري چيخون ڪري بيدار ڪنداسين

هي ياد ڪجو ملڪ هي منصور جو آهي
ڳالهيون جي ڪنداسين تہ سرِدارِ ڪنداسين

اوطاق مان محلات ۽ حجرن مان بہ نڪري
هن ظلم جو اظهار سرِدارِ ڪنداسين

Gul Hayat Institute

جي صبر مان سمجهو نٿا پو ڳالهہ هي ٻڌجو
مجبور ٿي ٻيو رستو وجي يار ڪنداسين

پابوسيءِ محبوب ڪبي سجدا ڪبا ڪئين
اڄ پاڻ کي خود پاڻ گنهگار ڪنداسين

جنهن پاڻي ڪيو بند اُهو ڪير هو ”ساقي“
ان سان بہ نئين سر وري وهنوار ڪنداسين







حسن تنهنجو جي سراپائي قيامت آهي
عشق منهنجو بہ قيامت تي قيامت آهي

مون تهجّد ڪان اڳي جام جي هڪڙو پيتو
واعظا اُن ۾ پلا ڪهڙي قباحت آهي

مون کي دنيا جي نہ ماڻهن جي ڪا پرواهہ آهي
منهنجو محبوب سڄڻ سائين سلامت آهي

سونهن ۾ شمس و قمر ڪان بہ وڌيڪ آهين تون
تنهنجو اندازِ تڪلّم بہ قيامت آهي

هجر ۽ درد و الم آهہ و فغان جو عالم
هي سڀئي تنهنجي ڏنل يار عنايت آهي

آخري وقت ۾ مون کي بہ ڏسڻ ڪونہ آئين
بس اها مون کي سڄڻ توسان شڪايت آهي



Gul Hayat Institute

جنھن کي ڌرتيءَ جوءِ ٻوليءَ جو قدر ڪونھي ڪو
بس انھيءَ ساڻ اسان جي بہ بغاوت آهي

فتح مڪ ۽ بدر، اُحد ۽ خندق، خيبر
هيَ سيئي حيدرِ صفدر جي شجاعت آهي

دور جمھور ۾ هڪ آمر آ مُطلقُ العنان
هيَ تہ چڙ ملڪ ۽ ملّت سان خيانت آهي







جيڪا پسند ڳالھ سيِن سان اُها ڪجي
جنھن مان ڪورنج ٿي سا ڪڏھن ڪانہ ڪا ڪجي

هرڪو ئي بي وفا آهي ڪنھن سان وفا ڪجي
هرڪوئي باوفا آهي ڪنھن سان جفا ڪجي

باقي حياتي جيڪا بہ، تو وٽ بسر ٿئي
منھنجو قبول عرض سڄڻ دلربا ڪجي

صورت ۾ لاجواب ۽ سيرت ۾ بي مثال
اُن جانِ جان جي حاضري صبح و مسا ڪجي

گلشن سوائي تنھنجي ٿو صحرا نظر اچي
هي عرض منھنجو اُن وٽ بادِ صبا ڪجي

ڪي چار گھڙيون مونسان بہ گڏجي گذارجن
”مُدّت ٿي ويئي آهي ڪا محفل بپا ڪجي“

بيشڪ هزارين حيلا هلائي زمانو پر
خوشبو ڪان گل کي، ڪير ٿو ڪنھن کي جدا ڪجي



Gul Hayat Institute

تنهنجي سوا زماني ۾ ٻيو ڪير منهنجو آهہ
ان ڪي وڃي گذارش هي بارها ڪجي

قاصد تون عرض ڪر وڃي دربارِ يار ۾
”مدّت ٿي ويئي آهي ڪا محفل بپا ڪجي“

هجر و غم و فراق ۾ ٿي زندگي بسر
هاڻي تہ جانِ جانان ڪو وعدو وفا ڪجي

هو سنگ دل حسين بہ ٿي موم دل پوي
پهچي درِ صنم تي ڪا اهڙي صدا ڪجي







دردِ فرقت ڪان ڪيو تو آشنا او دلربا
ڇا ڪريان ڪيڏانهن وڃان منهنجا مٺا او دلربا

سال ٿي ويا تو نہ پلجي ياد ڪيو مون ڪي سڄڻ
مون ڪان ٿي آهي پلا ڪهڙي خطا او دلربا

درد و غم رنج و الم آه و فغان آشفتہ سر
هي سيئي تنهنجي ڏنل آهي عطا او دلربا

تو سوا هي زندگي آهي جنازي جي مثل
هرڪو منظر ڇڙ تہ محشر تو سوا او دلربا

تنهنجي هر هڪ حڪم تي سر ڪي ڪيم تسليمِ خم
پوءِ بہ هر هڪ ڳالهہ تي مونسان خفا او دلربا

جام ۽ مينا صراحي ”ساقي“ سڀ آهن اداس
مئڪده ويران آهي تو سوا او دلربا

دلربا دلدار کي شاباس هجي
مهلقا منٺار کي شاباس هجي

گل کي ۽ هر خار کي شاباس هجي
يار کي اغيار کي شاباس هجي

منهنجي هر اقرار کي شاباس هجي
تنهنجي هر انڪار کي شاباس هجي

مون کي پنهنجن کو نہ ڪيو پنهنجو مگر
ان ڪري اغيار کي شاباس هجي

نيم بسمل تو ڪري مون کي ڇڏيو
تنهنجي هر هڪ وار کي شاباس هجي

تنهنجي لوڏڻ تي بہ وينو آهيان
منهنجي هيڏي پيار کي شاباس هجي

نزع جي حالت ۾ تون ورد زبان
تنهنجي هن بيمار کي شاباس هجي





وعدهٔ فردا ۾ گذري وئي حيات
محب منڙي يار کي شاباس هجي

اڄ پيو نيلام پيغمبر ٿئي
مصر جي بازار کي شاباس هجي

طوق ۽ زنجير ۾ ابنِ رسولﷺ
شام جي بازار کي شاباس هجي

منهنجي ”ساقي“ ميڪده ۾ هيئن چيو
منهنجي هن مئخوار کي شاباس هجي



دل جون اميدون پوريون خيرالوريٰ ڪندو
مشڪل ڪشائي منهنجي بہ مشڪل ڪشا ڪندو

جنهن درد مون کي آهي ڏنو سو شفا ڪندو
بيمارِ دردِ دل جي هو پاڻهي دوا ڪندو

مون کي يقين آهي تہ مون سان ملڻ جي لاءِ
پنهنجو ضرور مون سان هو وعدو وفا ڪندو

قاصد نياپو يار کي هرگز نہ تون ڏجئين
مون سان ملڻ جي لاءِ هو ايندو خدا ڪندو

روزِ حشر ۾ منهنجي گناهن جي باوجود
منهنجون اتي سفارشون آلِ عبا ڪندو

تنهنجو فقير تنهنجي ئي اچ سنگِ در تي آ
لوڏڻ جي باوجود بہ هر هر صدا ڪندو

ٿيندو اُهوئي عالِم ابقا جو بادشاهہ
عشقِ خدا ۾ پاڻ کي جيڪو فنا ڪندو





هو نازنين، آهُو چشم، سرو قد صنم
محفل ۾ هُو جي آيو تہ محشر بپا ڪندو

ظالم ۾ ظلم آهي ۽ مظلوم جو خدا
اللهﷻ اُن جو فيصلو روزِ جزا ڪندو

قاصد هي عرض پيش ڪجئين منهنجي يار کي
ڪيئن زندگي بسر پلا تنهنجي سوا ڪندو

ساقي جي حڪم تي درِ مئخانہ بند ٿيو
ناصح اچي پيو چاٽي پُڄهي پيو خفا ڪندو





Gul Hayat Institute

زندگي ڪان فرار چو آهي
زندگي بي قرار چو آهي

سڀ ڪان اشرف آهي ٿيو انسان
پو بہ ايڏو خوار چو آهي

زندگي جي حسين لمحن ۾
اوچتي ڦيرڦار چو آهي

ناهي انصاف جي زماني ۾
پو وڪيلن جي بار چو آهي

”ساقي“ واعظ ڏسي چيو مون کي
مئڪده تي هي بار چو آهي





گلستان ڪنهن کي چوان ۽ ڪهڪشان ڪنهن کي چوان
تون جي ناهين پوءِ زمين ۽ آسمان ڪنهن کي چوان

بي وفا ڪنهن کي چوان ۽ باوفا ڪنهن کي چوان
مهربان ڪنهن کي چوان نامهربان ڪنهن کي چوان

هن زماني ۾ ادب اخلاق سڀ ناپيد ٿيو
باادب ڪنهن کي چوان ۽ بد زبان ڪنهن کي چوان

وعدۂ فردا تي ساري عمر گذري وئي صنم
دردِ دل هجر و الم جو داستان ڪنهن کي چوان

هڪ دفعو منهنجا سڄڻ مون کي ڏسڻ جي لاءِ اچ
تو سوا اي جانِ من جانِ جهان ڪنهن کي چوان

تنهنجي ذاتِ لم يزل هر جاءِ تي موجود آ
پو پيلا تون ئي ٻڌاءِ مان لامڪان ڪنهن کي چوان

سيڪو پنهنجي ۾ آ پورو ڪو نہ ٿو ڪنهنجي ٻڌي
دردِ دل جو داستان ڪنهن سان ڪريان ڪنهن کي چوان

Gul Hayat Institute

دل گھري ٿي چار گھڙيون توسان گڏجي گھارجن
ڇا ڪريان ۽ ڪيئن ڪريان توسان ملان ڪنهن کي چوان

جام و مينا، مئڪده، ساغر، صبو آهن اداس
هي سمورو داستان پيرِ مغان ڪنهن کي چوان

مئڪده آهي ڪٿي ساغر ڪٿي ”ساقي“ ڪٿي
جام هڪڙو ٿو کپي ڪنهن کان گھران ڪنهن کي چوان







شام رنگين آ مئہ پياري ڇڏ
مون کي ماري وري جياري ڇڏ

زلف پنهنجا وري سنواري ڇڏ
واٽ ويندا وري بيهاري ڇڏ

تو گذاري جا رات مون سان گڏ
منهنجا سهڻا اُها وساري ڇڏ

چاڻ تو وٽ اجهو ٿو يار اچي
تون تہ پنهنجو اڱڻ ٻهاري ڇڏ

هي دنيا تو گھمي ڏٺي آهي
ڳالھ چاهي سا تون وساري ڇڏ

ڪو مسافر مري ويو آهي
ڪا گھڙي ڪاروان بيهاري ڇڏ

مئڪده مان هليو ويو ”ساقي“
جام آهن ڀريل سي هاري ڇڏ

مون کي ”ساقيءَ“ چيو ڏسي واعظ
ڪنهن طريقي سان هن کي ٽاري ڇڏ



Gul Hayat Institute

منهنجو هڪ تون ئي آهين دنيا ۾
منهنجو ٻيو ڪير آهي دنيا ۾

رات ساري سڄي گذر ٿي وئي
اي سڄڻ تنهنجي وعده فردا ۾

اي مغّني سحر قريب آهي
هاڻي ڪو ڇيڙ راڳ آسا ۾

ڪوتہ ڪنهن جوءِ ڪوتہ ڪنهنجو آ
تون فقط منهنجو آهين دنيا ۾

آئون پياسو تہ آبِ زم زم جو
منهنجو پاڻي نہ گنگا جمنا ۾

صبر، تحمل ۽ ماٺ ۾ آ مزو
ڇا رکيو آهي شور ۽ غوغا ۾

دستِ ”ساقيءَ“ هٿان اگر نہ مليو
پو رکيو ڇاهي جام و مينا ۾





مون زماني جو جائزو ورتو
تنهنجو نعم البدل تہ ڪو نہ مليو

تنهنجي سيرت ۽ تنهنجو حسن بيان
مون کي اهڙو غزل تہ ڪو نہ مليو

منهنجو محبوب بي مثال آهي
هن جو مون کي مثل تہ ڪو نہ مليو

جنهن سان ويهي ڪو دل جو حال ڪجي
اهڙو ڪو اهلِ دل تہ ڪو نہ مليو

زندگي بي عمل تہ گذري پئي
ڇا ڪجي باعمل تہ ڪو نہ مليو



Gul Hayat Institute

نيم وا نيڻن جي تنهنجي دلبري آهي عجيب
منهنجا سهڻا منهنجي توسان همسري آهي عجيب

تنهنجو مسڪن ڪهڪشان ۾ منهنجو مسڪن خاڪِ پا
پو بہ مونسان تنهنجي الفت ايتري آهي عجيب

منهنجي ساري زندگي تنهنجي تصوّر ۾ رهي
تنهنجو مون سان هي تعلّق سرسري آهي عجيب

ختم ڪر هي داستان هي داستانِ زندگي
هم سفر هي ڪاروانِ زندگي آهي عجيب

هونءَ تہ انسان اشرف المخلوق ڪامل آهي پر
پو بہ ٿي شيطان جي هي برتري آهي عجيب

مون تہ پيرين پَوَندي پاڪر پائيندي روئندي چيو
تو سوا منهنجي حياتي ڪيئن سَرِي آهي عجيب

هاڻي ”ساقي“ وقت آهي ٿي وڃي گوشہ نشين
دنيا هي ڪافي ڏٺئي ڏس ڪيتري آهي عجيب

هاڻي ڪجھ سالن کان ڳائيندي وري روئي ڏٺئي
هي طبيعت تنهنجي ”ساقي سروري“ آهي عجيب





وفا جي بدلي ۾ آهي جفا ڇو
”خدايا پيار ۾ هيڏي سزا ڇو“

هو منهنجي جان ۾ مون تي خفا ڇو
تہ پو مون لاءِ هي ارض و سما ڇو

ڪيو ٿم پيار هن سان جرم ناهي
”خدايا پيار ۾ هيڏي سزا ڇو“

ٿيا شيطان جا سجدا ڪروڙين
قبوليت ڪي نہ پهتا سي ڀلا ڇو

مرض جي هر دوا تو وٽ مسيحا
مريضِ عشق آهي لادوا ڇو

مون کي نظرن سان پياري دلربا ويو
اڃان تائين ڀلا آهن نشا ڇو

ڀلي پنهنجون جفائون آزمايو
نظر جا تير آهن سي خطا ڇو



Gul Hayat Institute

گنهگار آهيان ۽ مئہ پيان پيو
ٿيو واعظ آهي مون تي خفا چو

بنا ڪنهن ڏوهہ جي مون ڪان رُسي وئين
ٻڌائي مهلقا اي دلربا چو

فرض آهي نہ سنت ۽ نفل ڪو
نمازِ عشق آهي پو قضا چو

اندر ۾ جهاتي پائي پاڻ ڏسجي
تہ بي ڪنهن جي ڪجي آخر گلا چو

هي دنيا آهي ڪيڏي خوبصورت
خدايا ايتري جلدي فنا چو

جي ڪلهہ ويجها هئا سي ڏور ٿي ويا
زمانو ايڏو آهي بي وفا چو





ڏسو مچ محبّت جا ٻاري ڇڏياسين
محبّت جا ميلا مچائي ڇڏياسين

هي دردن جا دونهان دکائي ڇڏياسين
سيئي سور سيني سمائي ڇڏياسين

سڄي رات گذري وئي تون نہ آئين
ڳڻيندي هي تارا گذاري ڇڏياسين

سڄڻ سور تو سان ڪي سلڻا هئا پر
ڏسڻ سان ئي توکي وساري ڇڏياسين

محبّت جي مئخاني ۾ آيو زاهد
ٻہ ٽي ڍڪ بہ هن کي پياري ڇڏياسين

فغانِ شبِ نيم جو هي اثر ٿيو
جي ڪلندر هئا سي رئاڙي ڇڏياسين



Gul Hayat Institute

زماني کي باريڪ بينيءَ سان ڏسندي
پراوا ۽ پنهنجا سڃاڻي ڇڏياسين

اوهان جي اچڻ جو ٻڌي منهنجا سائين
اکين سان هي رستا ٻهاري ڇڏياسين

صراحي، صبوحِ جام، مينا ۽ "ساقي"
محبّت جا ميلا لڳائي ڇڏياسين





"هاڻ يارن ۾ وفاداري ڪٿي"
يار يارن ۾ اُها ياري ڪٿي

هُو زمانو قرب وارو هو مگر
هِن زماني جي طرحداري ڪٿي

ڄام ڪي ڪي اڄ لڀي پوندا مگر
پر اُها نوري ڪٿي ناري ڪٿي

سيڪو پنهنجيءَ ۾ ئي پورو ٿو رهي
هِن جهان ۾ سا جهان داري ڪٿي

سر برهنہ، زلف برهم، چشم نَم
وصل جي شب تو وري گهاري ڪٿي

همسفر وقتِ سفر ٿي ويو جدا
"هاڻي يارنَ ۾ وفاداري ڪٿي"

سي هليا ويا جي ڪي ماڻڪ موتي هئا
هاڻ ماڻهن ۾ مٽياداري ڪٿي

مئڪشو "ساقي" روانو ٿي ويو
مئڪدي ۾ هاڻي مئخواري ڪٿي



Gul Hayat Institute

اج خزان کي وري بهار ڪريون
دشتِ ويران کي لالہ زار ڪريون

اج وري چشم اشڪبار ڪريون
اڄ تہ گڏجي ڪو ذڪرِ يار ڪريون.

دلربا خود اچي خريد ڪري
هاڻ اهڙو ڪو ڪاروبار ڪريون

پيار جي ”پ“ بہ هُو تہ سمجهي نٿو
هاڻ ڪنهن ساڻ يار پيار ڪريون

ڪنهن جي بک کي ۽ اُڃ جي سمجهڻ لئہ
پاڻ کي اڄ تہ روزيدار ڪريون

سادگيءَ جي لباس ۾ رهزن
هاڻ ڪنهن تي ڪو اعتبار ڪريون

چو پلا قيس کان متاثر ٿي
پنهنجي دامن کي تار تار ڪريون

مئڪشو مئڪدي ۾ پهچڻ لئہ
پهرين دير و حرم کي پار ڪريون





وفا جي راه مون پارن کان پڇجو
۽ زندانن جي ديارن کان پڇجو

فغانِ نيم شب تارن کان پڇجو
غمن جي ڳالهہ غم خوارن کان پڇجو

شفيع المذنبين ﷺ جي رحمتن جو
اسان پارن گنهگارن کان پڇجو

يقين ڪامل اٿم پنهنجي وفا تي
وفا جي راه مون پارن کان پڇجو

ملي ڇاڇا نہ ويو موليٰ جي در تان
سخي سرور جي پينارن کان پڇجوءِ

زمينون ٿي ويون ڪلراٺيون آهن
اهي ڳالهيون زميندارن کان پڇجو

زماني جي ڪريو ٿا ڳالهہ ڪهڙي
اسان پارن وفادارن کان پڇجو



Gul Hayat Institute

اڄوڪا ڊاڪٽر جلاّد آهن
يقين ناهي تہ بيمارن کان پڇجو

ڏنا جي قرب مان هئا جام "ساقي"
اها ئي ڳالهہ مئخوارن کان پڇجو







زندگيءَ جي طويل راهن ۾
پنهنجي رڪجئين سڄڻ نگاهن ۾

موت ڪيڏو حسين ٿي ويندو
ساهہ نڪري جي تنهنجي ٻانهن ۾

هي زمانو سڄو فريب آهي
چاهي ظاهر ۾ چاهي باطن ۾

وقت جي ڳالهہ ڪي نہ سمجهين ٿو
چا ڏسيان توکي پو اشارن ۾

محل ماڙين ۾ ٿا مڪار رهن
ڳولهہ درويش خانقاهن ۾

هر ڪو انسان آ فقيرن ۾
هر ڪو حيوان بادشاهن ۾

ختم ڪر داستان تون "ساقي"
چا رکيو آهي اهڙي دانهن ۾



Gul Hayat Institute

هوش ڪر زندگيءَ جا رستا اٿئي
ڏاڍا ڏکيا اٿئي نہ سستا اٿئي

عقل کي ڇڏ ۽ عشق ڏي وچ تون
پوءِ قلندر جا مست مستا اٿئي

راه فاني اٿئي سرائي اٿئي
سڀ نڳي ناهہ جا هي پرتا اٿئي

تو سوا در اسان نہ ڪنهن جو ڏٺو
پنهنجا مست و الست پرتا اٿئي

پنهنجي "ساقي" تي ڪر ڪو لطف وڪرم
تو سوا لمحا آتا آتا اٿئي





تنهنجو نالو لبن تي دم دم دم
حيدريم قلندرم مستم

آئون پينار هڪ فقير آهيان
که سگِ ڪوئی شيرِ يزدانم

منهنجو دنيا ۾ ڪو نہ ٿيو هم دم
سر گروهِ تمام رندانم

مون کي گهرجي نہ ڪنهن جو ڪوبہ ڪرم
مون لئہ ڪافي آ هنجو ظلم و ستم

هر قدم تي مونکي شڪستون مليون
پوءِ بہ سمجهان ٿو پاڻ کي رستم

مونکي منزل جي ڪا خبر ڪانهي
رستو آهي تہ آهي هڪڙو عدم

مونکي تنهنجي جفا جا تير ڪپن
تنهنجي نيڻن جي دل ڪشي جو قسم

Gul Hayat Institute

مون کي محشر جو خوف ڪونهي ڪو
تنهنجي دامن ۾ هٿ وڌا جو اٿم

مونکان وسري ويا جهان ٻئي
پنهنجي محبوب ڏي نظر جو ڪنيم

تو ڏڪاري ڇڏيو تہ ڇا ٿي پيو
پو بہ تو ۾ اجا اميدون اٿم

مونکي دنيا جي ڪا خوشي نہ ڪپي
منهنجي لئہ ڪافي تنهنجو درد و الم

مون وفا ڪئي جفا جي بدلي ۾
تنهنجو رکٽو پيو جو مونکي ڀرم

ماٺ ڪر "ساقي" گفتگو گهٽ ڪر
مئڪدو آهي ناهي ديرو حرم





مون زمين جي خاڪ تي ويهي شهنشاهي ڪئي
مون کي آهي بادشاهن تاجدارن جو قسم

مون جدائي ۾ ڪئين راتيون سوا تنهنجي ڪٽيون
مون کي آهي چنڊ ۽ معصوم تارن جو قسم

مون گناهہ آهن ڪيا پر بخشجي ويندس ضرور
برطفيلِ ڪربلا جي، جانثارن جو قسم

هي جبل سڀ خون سان آهن ڀريل فرهاد بچ
توکي شيرين جو قسم ۽ ڪوهسارن جو قسم

تو سوا هيءَ رات منهنجي ڪانہ ٿي گُذري صنم
مونکي آهي چنڊ ۽ معصوم تارن جو قسم

ياد تنهنجي ۾ رُنم پيي ڏينهن جو ۽ رات جو
بي وفا تنهنجو قسم ۽ آبشارن جو قسم

مون قبائن ۾ رياڪاري ۽ بدنامي ڏٺي
مونکي "ساقي" تنهنجو تنهنجي باده خوارن جو قسم



Gul Hayat Institute

ڪيڏو آئون تہ خوش نصيب آهيان
پنهنجو خود پاڻ سان قريب آهيان

آئون تنها اُداس اُداس آهيان
خوش نصيب آهيان خوش نصيب آهيان

جيترو دور مونکان تون رهندين
اوترو تنهنجي ئي قريب آهيان

تنهنجا هي پيار تنهنجا لطف و ڪرم
ڪير ٿو چئي تہ بدنصيب آهيان

جسم ۽ جان روح منهنجو تون
ڪير چوندو تہ مان غريب آهيان

بي ادب ٿيو سَنَدَ ادب جي ملي
بي شرم هو چيئين اديب آهيان





درد و فُرقت جون اَهن ڳالهيون ملياسون تہ ڪنداسون
نہ ملياسون جي نصيبن سان گڏياسون تہ ڪنداسون

دل جون ڳالهيون نہ ڪبيون محفل آهي ٽهڪن جي
جي ڪڏهن پاڻ ۾ گڏياسون رُناسون تہ ڪنداسون

تنهنجو اخلاص ۽ اخلاق ڏسي قرب ڏسي
پيو تہ ڪجھ ناهي سڄڻ توکي دعائون تہ ڪنداسون

دل جي دردن جون هي آهون ۽ صدائون رهيون دل سان
جي مري وياسون تہ پڻ توکي دعائون تہ ڪنداسون



Gul Hayat Institute

مون مجبوراً ٿي توسان بي وفائي ڪئي، خبر ڪا ٿئي
فراق و هجر ۾ مون بي نوائي ڪئي، خبر ڪا ٿئي

سڄڻ خود پاڻ ئي ذرّه نوازي ڪئي، خبر ڪا ٿئي
گُهرائي پاڻ وٽ مهمان نوازي ڪئي، خبر ڪا ٿئي

جتي انسان کي انسان ٿي چيري ۽ ماري پيو
اُتي بگهڙن دردندن توبهه زاري ڪئي، خبر ڪا ٿئي

ڪري نيڪي وجهو درياهه ۾ هي دستور دنيا جو
چڱائي جنهن بہ ڪئي دنيا بُرائي ڪئي، خبر ڪا ٿئي

گريبان چاڪ، چشمِ نَمِ ۽ عالم هجر و فُرقت جو
اِها خود مهرباني مُنهنجي جاني ڪئي، خبر ڪا ٿئي

شبِ فرقت ۾ روئندي ٿي وئي آخر سحر "ساقي"
تعجّب ٿيو گلن پي اشڪ باري ڪئي، خبر ڪا ٿئي

اها مئخاني مان نڪتي سا ميّت آهي "ساقي" جي
سرِ راهِ عدم ڪيئن هن سواري ڪئي، خبر ڪا ٿئي





زندگي مختصر هئي گهاري ڇڏيم
رات تاريڪ هئي گذاري ڇڏيم

تو سوا زندگي جي راهن ۾
ياد جي آئين تہ بہ وساري ڇڏيم

هي ڪمال آهي پاڻ کي ماري
صحرا ۾ ڪاروان بيهاري ڇڏيم

منهنجي لئہ تنهنجو رخ ٿيو محراب
توکي سجدو ڪندي نهاري ڇڏيم

محتسب مئڪده ۾ آيو پئي
ڪنهن بهاني سان هن کي ٽاري ڇڏيم

منهنجي "ساقيءَ" مونکي چيو مدهوش
هو ڀريل جام سو بہ هاري ڇڏيم

Gul Hayat Institute

هِن جهانِ رنگ و بُو ۾ ڪو جهان پئدا ڪريون
ءِ وري اُن ساڻ گڏ نئون آسمان پئدا ڪريون

هن زماني ڪي مٽائي نئون جهان پئدا ڪريون
ان ڪري هن زندگي ۾ ڪو مڪان پئدا ڪريون

زندگي جو هي سفر ڏاڍو ڏکيو ڏاڍو طويل
هن سفر لئہ ڪو اميرِ ڪاروان پئدا ڪريون
(اٽپورو)





واقعي گل گلاب جو آهين
چؤ طرف آهين سائين خارن ۾

تون ملي وئين زمين تي مونکي
مون تہ ڳولهيو پئي چنڊ تارن ۾

تنهنجو ڪيڏو نہ مونسان رشتو آ
آئون صحرا ۾ تون بهارن ۾

تنهنجو هيڏو صبر تحمل ماٺ
پوبہ جيئرو اَهين بلائن ۾

تنهنجو واقعي خداؑ رسولؐ آهي
تون ئي پنج تن جي پاڪ ٻانهن ۾

وقت توکي اذيتون پيو ڏي
چوتہ آهين فرشتو ماڻهن ۾



Ul Hayat Institute

هر روز محبّت جو انداز بدلجي ويو
ماڻهو بہ بدلجي ويو آواز بدلجي ويو

سرتال ۾ ڪيڏو هي فرق آهي ويو پئجي
آواز مغنّيءَ جو ۽ ساز بدلجي ويو

جنهن ساڻ حياتيءَ جون گڏ گهڙيون گذاريون سين
افسوس زمانو سو دمساز بدلجي ويو

انسان تہ هو ڪامل پر پاڻ ٿيو جاهل
افسوس تہ انسان جو انداز بدلجي ويو

ناڪام وفائون ٿيون برباد صدائون ٿيون
انجام نہ ٿيو پورو آغاز بدلجي ويو

جنهن لاءِ حياتيءَ ڪي مون وقف ڪيو "ساقي"
افسوس اُهو مونکان هم راز بدلجي ويو





دستِ نازڪ سان جام پياري ڏس
مونکي مئخاني ۾ وهاري ڏس

آئون مرندي بہ جيئرو ٿي ويندس
پيار مان مونڏي تون نهاري ڏس

پوءِ تنهنجو ۽ تنهنجو رهندس مان
مونکي هڪڙو دفعو جياري ڏس

شرط آهي جي تون نہ ياد ڪرين
مونکي هڪڙو دفعو وساري ڏس

زندگي موت ڪي تون گڏ ڏسندين
پاڻ کي جيئرو رهندين ماري ڏس

جي نٿو توکي آئون سائين وڻان
مونکي محفل مان تون اُٿاري ڏس

تنهنجي لئي وقت کي بہ روڪيندس
ڪنهن بہ رستي ۾ تون بهاري ڏس



Gul Hayat Institute

تو سوا منهنجو ڪوبہ ڪونهي ڪو
تو سوا آهيان ڪنهن سهاري ڏس

موت ڪان پوءِ بہ زندگي آهي
منهنجا دلدار تون نهاري ڏس

وقت ۽ موت ڪي بہ روڪيندس
"ساقيا" هڪڙو جام پياري ڏس





## سهرو

فلڪ زمين ڪي ستارن جا موڪليا سهرا
ثرّيا چنڊ ۽ تارن بہ پئي پڙهيا سهرا

جڏهن امين دلِ لخت ڪي ٻڌا سهرا
قسم خدا جو تہ روح الامين چيا سهرا

جو ڏاڍا گهوٽ جي سر تي ٿهن پيا سهرا
ڏسي هي طالبِ مولا ۽ خوش ٿيا سهرا

امين سائين تنهنجي مُرڪَ تان وڃان صدقي
هي تنهنجي مُرڪُ تي ڪيڏا نہ مرڪيا سهرا

عقيل سائين ڪروڙين مبارڪون تو ڪي
هي تو ڪي طالبِ مولا عطا ڪيا سهرا



Gul Hayat Institute

# قطعات



چاندوکي ۽ پٽريون



Gul Hayat Institute

توکيا سجده خدا کي ۽ جبين ڪاري ڪئي
ظاهري ڏيک ڪري هاءِ رياڪاري ڪئي
نہ رهين دين جو افسوس نہ ٽئين دنيا جو
تو ڪڏهن آلِ محمد ؐ سان وفاداري ڪئي

❁❁❁

زلزلي جي نگاهہ محلن تي
شهر جي برج تي منارن تي
جهوپڙي تي نظر جا پئي ان جي
ويو پڇي پاڻ پوئين پيرن تي





پراون سان ڏوراپا کھڙا ڪبا
ڏُريَئون ڏار جيڪي سي پنهنجا نہ ٿيا
اڪيون ڪول "ساقي" زماني کي ڏس
اَڪن تي اٽا ڪين ڪي هاربا

❁❁❁

وٺي تي نہ نالو نہ جنهنجو نشان
اُهي ملڪ جا ٿيا وري حڪمران
اڪيون ڪولي "ساقي" زماني کي ڏس
ٿيا ٿوم مان سي ڦري جافران



Gul Hayat Institute

ڏسان ٿو عقلمندن جو گريبان تار پيو ڏسجي
جهان آهي پڇاڙي تي اهو آثار پيو ڏسجي
علاجِ دردِ دل جو ڪوبہ درمان ڪونہ ٿو ڏسجي
مان سمجهان ٿو مسيحا منهنجو خود بيمار پيو ڏسجي

❁❁❁

هٿ وٺي پاڻ کي خراب ڪرڻ
پاڻ سان پاڻ دشمني آهي
پنهنجي پيرن تي پيا ڪهاڙو هڻن
هي بہ اندازِ خودڪشي آهي





تنهنجي مئخاني ۾ حياتي ملي
تنهنجي هڪ جام زندگي بخشي
ساعتِ شام پنهنجو ساهہ ڏئي
هر ستاري کي روشني بخشي

❁❁❁

ڪير ٿو چئي تہ وقت گذري نٿو
ڪير ٿو چئي تہ وقت ناهي رڪيو
پنهنجي سهڻي جي وعده فردا تي
وقت کي مون وري بهاري ڇڏيو



Gul Hayat Institute

هيڏا پُر لطف نظارا ۽ نوائي سهڻا
موسمِ گل بہ اجها آئي ڪہ آئي سهڻا
ڇاڻي موليٰ ٿو فقط تنهنجي ضرورت آهي
ذرّي ذرّي ۾ آهي بادِ بهاري سهڻا

❁ ❁ ❁

وقت آيو تہ وقت ڪي ڏسبو
وقت ايندو ۽ وقت ويندو پيو
وقت جو چو قدر ڪريان آئون
وقت منهنجو قدر ڪڏهن نہ ڪيو



چانڊوڪيءَ پٽريون

پهرين چئہ لاالہ الاالله ج
پو محمّد ص مِٺو رسول الله ص
تنهنجو ايمان ٿيندو پو قائم
جي تون چوندين علي ولي الله ج

❁ ❁ ❁

زندگيءَ ڪي وري جو ويجهو ڏٺم
موڪلائيندي يار ويهي رهيس
تون هزارن ۾ هئين اڪيلو هئين
سنهن خدا جو تہ آئون ترسي پيس



Gul Hayat Institute

جنهن کي پنهنجو تون ”ساقي“ سمجهين ٿو
هي وڏي تنهنجي بي حسي آهي
پنهنجي پيرن تي پيو کهاڙو هڻين
هي بہ اندازِ خودڪشي آهي

❁❁❁

ڪي تہ جيئري ۾ مرندي ٿي ويا مورَ
ڪي تہ جيئري ۾ مرندي ٿي ويا ڍور
جيڪي دنيا تي دين وڪڻن ٿا
سي تہ بدڪار ٿيا ۾ آدم خور



چانڊوڪيءَ پٽريون

ٿيندي قبول هرڪا دعا اُنجي بر ثواب
اللهؔ جي حضور ۾ جو التجا ڪندو
ٿيندو نہ خوف حشر ۾ ”ساقي“ ڪي پياس جو
پنهنجي هٿن سان ساقيءَ ڪوثر عطا ڪندو

❁❁❁

هن جهان ۾ نہ ڪير آ ڪنهنجو
هرڪو ذي روح مطلبي آهي
لڪلڪوتيءَ ۾ اهڙو گم ٿي ويج
جڙ تہ توکي بہ ڪو پتو ناهي



Gul Hayat Institute

تو سوا ڪيئن پلا گذاريندس
پاڻ ڪي پاڻ ڪيئن جياريندس
توسان ڳالهيون جي رُئندي ڪلندي ڪيم
هاڻي ڪنهن ڪي اُهي ٻڌائيندس

❁❁❁

چوري چوري رات جي تنهائي ۾
چنڊ سان ڳالهيون چڪوري پئي ڪري
هي شبِ مهتاب ۽ ٿڌڙي هوا
تو سوا موسم ٿتولي پئي ڪري





مسجدن ۾ تہ آهي خون ريزي
مئڪده ۾ تہ مئڪشي آهي
پنهنجي پيرن تي پيا ڪهاڙو هڻو
هي بہ اندازِ خودڪشي آهي

❁❁❁

افسوس اسان جي ذهنن تي صد حيف اسان جي سوچن تي
درياه جي ڪناري تي ويهي نيت پيا ڪريون تَيَمّم جي
هڪ سنڌ تہ ساري لُٽي وياسين پر پاڻي لئہ بہ سڪايو پيا
پوچا جي ڪري خواهش پيا ڪريو تسنيم ۽ ڪوثر زم زم جي



Gul Hayat Institute

دنيا آهي دورنگي ذهن سان ۽ سوچ سان هلجئين
نڪي ڪچجئين نڪي پچجئين تون پنهنجو پاڻ کي ڏسجئين
اي ”ساقي“ ڳالهه هڪڙي غور سان منهنجي ٻڌي ڇڏ اڄ
پراون کان ڪجئين پاسو ۽ پنهنجن کان پري پچجئين

❁❁❁

بي وفا روح ٿي ويو پرواز
جسم بي جان ڪجھ ڪُڇي نہ سگهيو
مختصر زندگيءَ جي راهن ۾
منهنجو آواز هُو ٻُڌي نہ سگهيو





ساقي شراب پيار مرڻ تائين پيو پيان
زنده رهڻ جي لاءِ بهانو تہ ڪو کپي
هي دل جگر خدائي ڏنو آهي تنهنجي لاءِ
تيرِ نظر جي لاءِ نشانو تہ ڪو کپي

❁❁❁

آسمان جي هر ستاري دم ڏنو
رات جي سڪرات جو عالم ڏسي
ظالمن کي ظلم پنهنجو ياد پيو
سيّدِ مظلوم جو ماتم ڏسي



Gul Hayat Institute

راتِ جي پوئين پهر ۾ ساقي
مون ڏٺو بند تنهنجو مئخانو
پوءِ بيچارگيءَ جي عالم ۾
پهتو مسجد وجي هي مستانو

❁❁❁

ڪئين سال لنگهي ويا منهنجا سڄڻ
تو پلجي بہ ياد نہ ڪيو مون کي
پر هاڻي تہ آئون بہ خوش آهيان
مون پاڻ بہ توکي وساري ڇڏيو





کهاڙين سان ۽ ڪوڏر سان اُنهن جو ڪنڌ پڇنداسون
لٺين سان لوڙه سان ڪانپاڻين سان ساهہ ڪڍنداسون
هي ڌرتي "نوح" جي آهي "قلندر" ۽ "پٺائي" جي
مري ويندااسون پنهنجي سنڌ ڪنهن کي ڪين ڏينداسون

❁❁❁

ڪنهن حسين جو مان خال و خط آهيان
ڪجهہ تہ آهيان اگرچہ ڪجهہ ناهيان
ڪنهن جي مون کي نہ پانيو چا ٿي پيو
پنهنجو ئي پاڻ کي پيو پرچايان



Gul Hayat Institute

مون زندگيءَ ۾ فقط هڪڙو پيرو توکي ڏٺو
تمام عمر اکين کي چميو چميو پيو چمان
درِ حبيب تي دربان کي مون عرض ڪيو
اوهان جو آهيان پيلا چئو اچان، اچان نہ اچان.

❁ ❁ ❁

ڪڏهن تہ پنهنجي پاڻ مان راحت وٺي وٺون
ڪڏهن تہ پنهنجو پاڻ کي پاٺي چمي وٺون
ظاهر جي اک کي پوري ۽ باطن جي بحر ۾
جيڪو نظر نٿو اچي ان کي ڏسي وٺون





زندگيءَ کي فنا ڪري تہ ڏسو
پوءِ منزل بقا جي ماڻيندئو
هن حياتيءَ ۾ پاڻ کي ماري
زندگي جاودان بنائي ڏسو

❁ ❁ ❁

تون ڪڏهن پاڻ سان پنهنجي بہ شڪايت نہ ڪجئين
وقت سان گڏجي هلڻ جي بہ جسارت نہ ڪجئين
سور صدما جي ڏنا سهڻي سي سانڍي رکجئين
پنهنجي تون عشق کي تبليغي جماعت نہ ڪجئين



Gul Hayat Institute

هي ڪريم النفس نفسِ مطمئن نفسِ رسولؐ
فرزند خيرِ البشر لختِ دلِ زهرا بتولؑ
تنهنجو فرقان تنهنجو پيغمبر ۽ تنهنجو دين
تنهنجي صدقي ۾ ئي ٿيندي هر دعا منهنجي قبول

❁ ❁ ❁

پاڻ ڪي پاڻ ۾ ڳولهي ۽ پروڙي ته ڏسو
ڏس پتا پوءِ پڇو پاڻ پتوڙي ته ڏسو
ٻئي ڏي آڱر ٿا ڪڻو ان جا وري عيب ڪڍو
ان اشاري ڪي ذرا پاڻ ڏي موڙي ته ڏسو





مندر ڏنم ڪليسا ڏنم ڪربلا ڏنم
مونکي نظر نه آئين تون ۽ جا بجا ڏنم
هر جاءِ تي نظر ڪئي ٻيو ڪين ڪجھ ڏنم
هڪڙو ئي مون ڏنو اُهو مشڪل ڪشا ڏنم

❁ ❁ ❁

هن جهان ۾ جي رهڻ چاهين چريو ٿي رهجئين
چاڪِ دامن ڪي ڪڏهن پلجي رفوڪين ڪجئين
ورنه هر عقل جي نظرن ۾ ڪِري پوَندين تون
پنهنجي ديوانگي جو ڪجھ ته ڀرم تون رکجئين



Gul Hayat Institute

مون تہ صحرا ۾ ڪيئي نمازون پڙهيون
ڪونہ هو پاڻي مون ڪيو تيمم
تون تہ ”ساقي“ فقير ٿو ڏسجين
پيرسن آهين پر اٿئي دم خم

❁ ❁ ❁

ڪوڙي سچي مگر ڪا خوشيءَ جي خبر ٻُڌاء
دردن جي رات ڪيئن ڪٽي درد جِگر ٻُڌاء
تنهنجي روئڻ تي هُن بہ رُنو پي الائي چو
احوال دِرد دل جو ڪٽي مختصر ٻُڌاء





اِهو قرآن ۾ ۽ پڻ حديث پاڪ ۾ آهي
جهان ۾ ٿا ڏسون انسان سان شيطان گڏ آهي
مگر نيڪي بدي جو فلسفو اللهؔ ٿو ڄاڻي
بظاهر ٿا ڏسون انسان سان انسان گڏ آهي

❁ ❁ ❁

چنڊ چوڏهينءَ جو ڏٺم روئي ڏٺم
ياد آئين تون صنم روئي ڏٺم
مئي ڪده ويران هو تنهنجي سوا
جام ڪي خالي ڏٺم روئي ڏٺم



Gul Hayat Institute

منهن جا افڪار هي ٻُڌي ماڻهن
ڪن چيو هي چريو ڪريو آهي
منهنجا محسن اي عاشقِ ليليٰ
توئي تصديق ڪئي چريو ناهي

❁❁❁

صبح جو جام ڪو پيون ساقي
اڄ تہ ڪجھ وقت لاءِ جيون ساقي
صبح جي هير مست ۽ مدهوش
پاڻ چو هوش ۾ رهون ساقي



چانڊوڪي ۽ پٽريون

منهنجي آهِ نيم شب جو هي عجيب تاثير ٿيو
چنڊ تارن ڪهڪشان تنهنجو قسم روئي ڏنو
عالمِ بيگانگي ۾ مون سوين سجدا ڪيا
منهنجي سجدن کي ڏسي ديرو حرم روئي ڏنو

❁❁❁

ماڻهو ڪيڏو نہ بيوقوف آهي
هڪ دفعو ملڻي زندگي آهي
زندگي جنهن کي چئين ٿو موت آهي
موت کان بعد زندگي آهي



Gul Hayat Institute

جيڪي پنهنجن جا پاڻ ٿيا دشمن
اهڙي ماڻهن کي ڪير روڪيندو
اهي ڇا ڪندا درياهہ جي واهڙ
پاڻ درياهہ انهن کي ڏوڪيندو

❁❁❁

رسمِ الفت نڀائڻي آهي
آتشِ عشق ٻارڻي آهي
منزلِ عشق تي رسڻ جي لاءِ
توکيَ سوري سينگارڻي آهي





آخري وقت آهي توکي ئي پارت آهي
تون سڃاڻين ٿو مونکي تون ئي سڃاڻين ٿو مونکي
مون موالي جو ۽ ڀينار جو ٻيو ڪير آهي
ربِّ ڪعبہ جو قسم تون ئي تہ ڄاڻين ٿو مونکي

❁❁❁

منهنجا مرشد ۽ مُنهنجا پيرِ مُغان
تون محمد زمان امين زمان
توکي محبوب ڪيو جميل عطا
تنهنجي ڀاڪر ۾ تنهنجا پير چمان



Gul Hayat Institute

صبح جو پهر آهي ڏيو ڪو جام
پنهنجي ساقيءَ تي ڪو ڪريو انعام
منهنجا پيرِ مغان ۽ منهنجا حبيب
اڄ عطا ڪو ڪريو ڪو جام تي جام

❁❁❁

ڪي تہ جيئري ئي مرندي ٿي ويا مورَ
ڪي تہ جيئري ڪي مرندي ٿي ويا سورَ
جيڪي دنيا تي دين وڪڻن ٿا
سي تہ خنزير ٿيا ڪي آدم خور





حشر جو ڏينهن ۾ ڪيڏو نہ حسين هوندو رنگين
حضور پاڪ ﷺ اتي ٿيندا اچي تخت نشين
مون گنهگار کي ڏسندا ۾ شفاعت بہ ڪندا
ربِّ ڪعبہ ؒ جو قسم مون کي يقين آهي يقين

❁❁❁

منهنجي مئخاني کي آباد ڪرڻ وارا اچ
مُنهنجا ساقي ٿا سِڪن چنڊ سان گڏ تارا اچ
وقت حالات زمانہ کي ڏسي رهنداسون
رستو پُلجي ڪٽي اي ماهِ لقا پيارا اچ

قسم خدا جو رياڪار واعظِ بي پيرا!
سندئي هزارها سجدا ۽ منهنجو هڪڙو جام
هُتي هزار عبادت جون تسبيحون سرنديون
هُتي تہ هڪڙو ئي ڪوثر جو جام هوندو عام

❁❁❁

جيئن لڪل ڪو خزانو صحرا ۾
پنهنجي شعرن ۾ ايئن لڪل آهيان
جيڪو ڪنڊرات ۾ ٿيو تبديل
مان انهي دور جو محل آهيان





نہ تخت و تاج ۾ ڳولهيو نہ شهنشاهن ۾
اسان کي ڳولهيو فقيرن جي آستانن ۾
هي محل ماڙيون فنا جي ظهور جو مظهر
اسين تہ آهيون فقط بي نوا مڪانن ۾

❁❁❁

تو سڄي عمر ڪئي وفا ساقي
ڪنهن نہ تو سان وفا ڪئي ساقي
دنيا هي جيتري حسين آهي
اوتري آهي گندگي ساقي



Gul Hayat Institute

هم قافيہ انسان ۽ حيوان آهي
مومن تہ هتي ڪونهي بي ايمان آهي
ظالم جو ۽ مظلوم جو ڪو ناهي رديف
هم قافيہ انسان ۽ شيطان آهي

❁ ❁ ❁

اڪيلو آيو اَهيان ۽ اڪيلو ويندس مان
اُها ڪا ڳالهہ ٻي آهي تون آهين گڏ مون سان
جڏهن بہ سامهون ڪا منزل اگر نظر آئي
ڇڏي نہ ويجئين تنهنجو ئي همسفر آهيان





ڪيڏو حسين ڪيڏو نہ تون دل فريب اهين
اي مُنهنجا همنشين تون ڪيڏو قريب اهين
تو کان جدا خدا نہ ڪري مونکي ڪو جدا
اي منهنجا مهلقا تون ئي مُنهنجو نصيب اهين

❁ ❁ ❁

ثريا ڪهڪشان ۽ چنڊ تارا
سندم محبوب تان صدقي ٿيا سارا
اها منزل ٿي سدرة المنتهيٰ جي
جتي بي وس ٿيا جبرئيل پارا

ياعليؑ آهين ناطقِ قرآن
علم جو تون اهين ولي فرقان
تنهنجو جبرئيل آهي خادم خاص
ياعليؑ تون اهين عظيم الشان

❁ ❁ ❁

جو باڪردار، ڪم گو خلق وارو ۽ صبر وارو
حقيقت ۾ اُهوئي آدمي بي شڪ اصيل آهي
مرّوت جنهن ۾ آهي ۽ نہ لالچ ڪا طمع آهي
اهو انسان ”ساقي“ هن زماني ۾ قليل آهي
شهنشاهِ سُخن هڪڙو ٿيو پيدا زماني ۾
اهو موليٰ جو آ طالب تخلّص ۾ جميل آهي





## مناجات

ربّ سائينﷻ وڏو رحيم آهين
تون ڪرم ڪو ڪجئين ڪريم آهين
لم يلد تون ۽ تون ولم يولد
منهنجا خالق وڏو عظيم آهين

❁ ❁ ❁

جفا شناس اوهان ڪجهہ وفا ڪري تہ ڏسو
وفا شناس ٿي ويندئو عطا ڪري تہ ڏسو
اوهان جو آهيان اوهان سان نہ همسري آهي
خدا جي واسطي هڪڙي خطا ڪري تہ ڏسو



Gul Hayat Institute

رات جيڪا بہ تون سان گڏ گذري
زندگيءَ ۾ ڪڏهن نہ سا وسري
زندگيءَ جي طويل رستن ۾
تن غمن جي ڪٽيو هلان پيو پيري

❁❁❁

پيِر منهنجو جتي جتي آهي
منهنجو مرڪڻ اُتي اتي آهي
منهنجو آهي مرڻ جيئڻ ان جاءِ
منهنو پيرِ مغان جتي آهي





زندگي ڇا هي ڪا خبر ناهي
رات آهي مگر سحر ناهي
صبح جو انتظار آهي فضول
ڇو تہ هي مختصر سفر ناهي

❁❁❁

ڪالهوڪو ڏينهن آهي گڏ هئاسون
اڄ انهن ڪان جدا جدا آهيون
هُو هُتي ٿيا ۽ مان هِتي آهيان
هُو بقا ۾ اسين فنا آهيون



Gul Hayat Institute

ايڏو بہ تون وسار نہ جيئري مري وڃان
تنهنجو ئي آسرو متان ڀڏندي ٽري وڃان
ايڏو وساربو نہ ڪڏهن منهنجا مهلقا
تنهنجي هجي جي مرضي تہ خود مان ٽري وڃان

❁❁❁

منهنجو رقيب مونتي وڏو مهربان آ
هو منهنجو ذڪر يار جي آڏو ڪري پيو
ڪو ذڪرِ خير منهنجو ڪري ڪونہ ٿو مگر
پر مُنهن جو نالو جاني جي آڏو وٺي پيو





منهنجون هزارين تو ۾ اميدون سڄڻ رهيون
تنهنجي اميد مون ۾ سڄڻ ڪابہ ڪانهي ڪا
اِن ڳالھ مان تون سڀ ڪجھ سمجهي سگهين بہ ٿو
تنهنجي سوا جهان ۾ منهنجي لا بہ ڪونهي ڪو

❁❁❁

ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڪڏهن ڪو نہ اختلاف ڪبو
مگر حقيقت ڪي صاف صاف ڪبو
ڀلي هزارين گلائون ڪري رقيب سندئي
تون پنهنجي ظرف ڪان ڪم وٺ ۽ هن ڪي معاف ڪبو

زندگيءَ جي حسين راهن ۾
توکي ڳولهي وري وڃائي ڇڏيم
وقت و حالات جي ٿي مجبوري
خود کي روئاڙي پو کلائي ڇڏيم







Gul Hayat Institute

# فرد







Gul Hayat Institute

دعا انهيءَ جي خدا ڪين ڪي قبول ڪندو
محابو جنهن ۾ محمّد رسولﷺ جو نہ هجي

❁ ❁ ❁

تو سوا آئون جيان هي آهي منهنجو ئي ڪمال
هر ڪمال آهي زوال منهنجو جيئڻ آهي مُحال

❁ ❁ ❁

هي فيصلو ازل کان لوح و قلم ۾ محفوظ
تنهنجو يزيد تون سان منهنجو حسين مون سان

❁ ❁ ❁

مَس مَس وڃي ڪا روح کي راحت نصيب ٿي
شايد عدم جي راهہ جي منزل اچي وئي

❁ ❁ ❁

جڏهن جبلّت ڪري انسان جي خنزير ٿي ٿو پئي
اُهو انسان مان ملعون ۽ شيطان ٿي ٿو پئي

❁ ❁ ❁

مونکي دنيا جي نہ عقبيٰ جي رهي ڪا پرواهہ
آئون هر دور جو ”ساقي“ علي احمد آهيان

❁ ❁ ❁







Gul Hayat Institute

# اردو شاعری





## غزل
## قطعات
## فرد



Gul Hayat Institute

جام و مینہ، صراحی، پیمانہ
میری تو زندگی ہے مئخانہ

میں تیرے شہر سے نہیں مانوس
میں ہوں صحرا کا ایک دیوانہ

زندگی گذری تیرے قدموں میں
پھر بھی کہتے ہو مجھ کو انجانہ

چشمِ نم، چاک داماں اور صحرا
کس قدر خوش ہے تیرا مستانہ

اتنی جلدی بھی کیا ہے جانے کی
آخری سانس ہے ٹھہر جانہ

آج محفل میں رو رہی ہے شمع
آج پھر جل گیا ہے پروانہ

مجھ کو شہروں سے ہوتی ہے وحشت
میری دنیا ہے میرا ویرانہ

جب بھی فرصت ملے چلے آنا
"ساقی" تیرا ہے سارا مئخانہ





کہکشاں سے گذر کے آیا ہوں
ہوگئی تھی سحر کے آیا ہوں

فرش والو میرا خیال کرو
عرش سے میں اُتر کے آیا ہوں

تم ستاروں سے پوچھ لو میرا
منزلیں پار کر کے آیا ہوں

منتظر چاند تارے تھے میرے
ہوگئی تھی سحر کے آیا ہوں

میرے قاتل یہ تیرا مقتل ہے
دیکھو میرا جگر کے آیا ہوں

تیرے دامن میں ہیں اُجالے صنم
میں اندھیروں سے ڈر کے آیا ہوں

جو گیا پھر کبھی نہیں آیا
میں وہیں سے گذر کے آیا ہوں

آج کی رات پی کے مر جائیں
فیصلہ یہ بھی کر کے آیا ہوں

"ساقی" بیچارہ مرگیا کل رات
میں اسے دفن کرکے آیا ہوں



Gul Hayat Institute

راستوں کا سفر تو جاری ہے
منزلوں کا پتہ نہیں کوئی

تم نے مجھ کو اکیلا چھوڑ دیا
ورنہ میری خطا نہیں کوئی

میں بھی درویش ہوں فقیر بھی ہوں
پربدن پر قبا نہیں کوئی

اب مسیحا نے دے دیا ہے جواب
اب مرض کی دوا نہیں کوئی

اِس زمانے میں جی رہے ہو تم
جس جہاں میں وفا نہیں کوئی

میں تو اک اجنبی مسافر ہوں
جا رہا ہوں پتا نہیں کوئی

تم کو جس جرم کی سزا ہے ملی
اس میں تیری خطا نہیں کوئی

وقت حالات زندگی "ساقی"
تجھ کو تیرا پتا نہیں کوئی





روز مرتے ہیں اور طعنے ہیں
تیرے وعدوں کے ہم نشانے ہیں

یہ شہنشاہوں کی نہیں مسند
یہ فقیروں کے آستانے ہیں

اے تجلّیء برق کچھ سوچو
یہ غریبوں کے آشیانے ہیں

ہم تو دیر و حرم کو ٹھکرا کر
مئکدے کے ہی در پہ آنے ہیں

قصّہء درد ہجر و رنج و الم
اس کہانی کے تانے بانے نہیں

اب تو عنوان بھی نہیں ہے یاد
ہم تو بھولے ہوئے فسانے ہیں

روز کہتے ہو کل میں آؤں گا
کتنے دلکش تیرے بہانے ہیں



Gul Hayat Institute

مجھ کو جینے دو مجھ کو جینے دو
مجھ کو پینے دو مجھ کو پینے دو

دل کی باتیں زبان پر لاؤں
مجھ کو کہنے دو مجھ کو کہنے دو

میرے بارے میں جو بھی کہتا ہے
اُس کو کہنے دو اُس کو کہنے دو

میرے رونے پہ جو بھی ہنستا ہے
اُس کو ہنسنے دو اُس کو ہنسنے دو

رات ساری تو پیتا ہوں لیکن
صبح کا جام "ساقی" پینے دو





ہم خزاؤں میں پلنے والے ہیں
تم بہاروں کی بات کرتے ہو

مجھ کو اتنا نہیں عزیز رکھو
دل میں کیوں اسقدر اترتے ہو

میں خوشی سے کہیں نہ مرجاؤں
اسقدر کیوں قریب رکھتے ہو

میں اکیلا ہوں رھگذر دشوار
کیا میرے ساتھ تم بھی چلتے ہو

میں نے کوئی خطا نہیں کی ہے
مجھ سے کیوں دور دور رہتے ہو

کچھ تو غم ہے کہ جس کا پراہ ہے
روز و شب "ساقی" پیتے رہتے ہیں



Gul Hayat Institute

بندگی میں مجھے خدا نہ ملا
مجھ کو پینے میں کچھ مزا نہ ملا

شہر، صحرا و دیر و مئخانہ
مجھ کو تیرا کہیں پتا نہ ملا

میں وفاؤں کا متحمل نہ ہوا
آج تک مجھ کو بیوفا نہ ملا

بے رحم موجوں نے ڈبو ہی دیا
مجھ کو اپنوں کا آسرا نہ ملا

مئکدہ سے میں پیاسا آیا ہوں
دستِ "ساقی" سے کچھ ذرا نہ ملا







Gul Hayat Institute

# قطعات / فرد







Gul Hayat Institute

اگرچہ مجھ کو ضرورت نہیں ہے لوگوں کی
تمہارے صدقے میں سب کو سلام کرتا ہوں
میں روز پیتا ہوں مرتا ہوں زندہ رہتا ہوں
میں زندگی میں فقط یہ ہی کام کرتا ہوں

گلبدن ہو یا گل بنفشہ ہو
جیسے صحرا میں باد و باراں ہو
چاند سا چہرا اور اس پے نقاب
تم تو رشکِ غلافِ کعبہ ہو





لوگ سمجھیں نہ پارسا مجھ کو
احتیاطاً گناہ کرتا ہوں
مجھ کو مئے سے غرض نہیں "ساقی"
اتفاقاً شراب پیتا ہوں

کیسے آئے ہو تم یہاں مجنوں
یہ تو بازار اہلِ زَر کی ہے
اہلِ زَر سے غرض نہیں مجھ کو
میری لیلیٰ اِسی شہر کی ہے



Gul Hayat Institute

تم مجھے چھوڑ کر گئے لیکن
کیوں مجھے یاد کرتے رہتے ہو
یہ کیا معراج ہے محبّت کی
تم بھی فریاد کرتے رہتے ہو

❁❁❁

پھول کھلتے ہیں تیرے گلشن میں
میرے صحرا میں بھی خیاباں ہیں
چاک، داماں ہے قیس محوِ رقص
آج صحرا میں اک شبستاں ہے

❁❁❁

مفلس و بے دیار ہو ساقی
شہنشاہ شہر یار ہو ساقی
واہ کیا بات ہے عجب تیری
تم خزاں میں بہار ہو ساقی





## فرد

اُن کا وعدہ ہے کتنا پاکیزہ
اُن کی آمد شبّ قدر میں ہے

❁❁❁

آج کیوں چاند اتنا روشن ہے
آج میرا صنم قمر میں ہے

❁❁❁

تمام عمر کوئی کو کا ساتھ دیتا ہے
میں جانتا ہوں مگر تھوڑی دور ساتھ چلو

❁❁❁

کل رات برستی رہی ہیں گھٹائیں کیوں
شاید کسی نے میری کہانی سنائی ہے



Gul Hayat Institute

## حصّو پيو

# نثر







Gul Hayat Institute

# اللهﷻ

ذاتِ ڪبريا جي تعريف ڪرڻ جي طاقت هن ڪائنات ۾ ڪنهن ڪي بہ ناهي. مخلو ق ڪي ڪهڙي مجال آهي جو پنهنجي خالق و مالڪ جي تعريف و توصيف ڪري سگهي. اللهﷻ جي تعريف اها آهي تہ هو اللهﷻ آهي.

# اللهﷻ عادل آهي

ڪنهن ماڻهوءَ وٽ ايتري دولت آهي جو هو ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين مايا ۾ غرق آهي ۽ ڪنهن ماڻهوءَ وٽ ايترو بہ پئسو ڪونهي جو زهر وٺي پاڻ کي ماري ڪو ماڻهوءَ ڪوڙ ٺڳي، فريب ۽ مڪاريءَ سان سلطنت جو مالڪ بڻيو ۽ ڪو ماڻهو سچ ڳالهائي ڦاسيءَ تي چڙهيو. ڪو ماڻهو ڄمندي ئي مري ويو ڪو ماڻهو تہ سئو سال جيئرو رهيو. ڪو ماڻهو نيڪي ڪري سزا جو مستحق ٿيو. ڪو ماڻهو پنهنجي بدڪاري، بي غيرتي ۽ بدمعاشي سبب انعام جو مستحق ٿيو. ڪا عورت پنهنجو شرم و حيا پنهنجي عزّت و عصمت وڪڻي عيش و عشرت جي زندگي بسر ٿي ڪري ۽ ڪا معصوم نينگر پنهنجي معصوميت هڪ وحشي ۽ خنزير





صفت ماڻهوءَ هٿان لُٽايو ڇڏي ڪنهن ظالم جي جنازي سان تہ سوين ماڻهو نظر اچن ٿا، ڪنهن مظلوم جي جنازي ۾ تہ چار ماڻهو بہ بمشڪل نظر ايندا ڪو ماڻهو تہ ڏوَهہ ۾ ڦاٿيو مري ويچي.

ڪو ماڻهو تہ بک مرندي مرندي مريو وڃي ڪو ماڻهو سچ ڳالهائيندي ڦاسيءَ تي چڙهيو وڃي ڪو ماڻهو ڪوڙ ڳالهائيندي مالڪِ سلطنت بڻجيو وڃي.

اهو سڀ ان ڪري جو هن دنيا ۾ انسان ڪيترو رهندو ۽ هن دنيا ۾ انسان ڪيترو رهندو. هن دنيا ۾ هڪ ظالم هڪ سئو سالن تائين ظلم ڪري ٿو آخر مريو وڃي ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ هو هميشہ جيئرو هوندو ۽ مظلوم ظالم کان هميشہ پيو بدلو وٺندو. ڏسو الله وڏو عادل آهي.

Gul Hayat Institute

# اسم پاڪ

دنيا ۾ ڪروڙين ڪربين نالا آهن، اُنهن مان هڪ اڪر ڪڍي ڇڏبو تہ مفهوم بدلجي ويندو پر ربّ ڪائنات جي ذاتي اسم پاڪ مان سڀ لفظ (اڪر) ڪڍبا تہ اللهﷻ باقي رهندو.

# آخرت

هن دنيا ۾ تنهنجي زندگي هڪ گلاس پاڻيءَ جيتري آهي، هُن دنيا ۾ تنهنجي زندگي سمنڊ جي پاڻيءَ کان بہ وڏيڪ آهي هڪ گلاس جي ختم ٿيڻ تائين جيترا گناهہ ڪندين سمنڊ جي پاڻيءَ جي ختم ٿيڻ تائين تون عذاب الاهي ۾ مبتلا هوندي

تون حساب ڪيو آهي تہ سمنڊ ۾ پاڻي جا ڪُل ڪيترا گلاس هوندا!!





# ”دستگير“

## (هڪ معصوم مسافر)

چانڊوڪيءَ رات جو هڪ صحرا ۾ قافلو خيمہ زن هو اُن تي ڌاڙيلن حملو ڪري قافلي کي ڦريو ۽ لُٽيو. قافلي کي لُٽڻ بعد پاڻ ۾ ڇيئون تہ هن معصوم غريب وٽ تہ ڪجهہ ڪو نہ هوندو. معصوم مسافر هُنن ڏي نهاري وراڻيو تہ مون وٽ چاليهہ سونيون اشرفيون آهن جيڪي منهنجي هن چادر ۾ سبيل آهن.

سيئي چور نهايت حيرانگي مان هن کي مخاطب ٿيا جنهنجو معصوم چهرو چانڊوڪي رات ۾ چوڏهين جي چنڊ وانگر روشن هو.

”اسان جو تہ تو ۾ وهم ۽ گمان ئي ڪونہ هو.“

ننڍڙي معصوم جواب ڏنو تہ منهنجي امان سائڻ مونکي رواني ٿيڻ مهل ٻن ڳالهين جي وصيت ڪئي هئي.

سيئي ڌاڙيل معصوم جي چوگرد حلقہ ٺاهي ويهي رهيا. اسان کي سربستي ڳالهہ ٻڌائي تنهنجي ماءُ توکي ڇا چيو.

منهنجي ماءُ رواني ڪرڻ مهل مونکي ٻن ڳالهين جو سختيءَ سان تاڪيد ڪيو تہ منهنجا فرزند آئون عُمر جي اُن حد ۾ آهيان جو توکي وري نہ ڏسي سگهان ان لاءِ منهنجون هي بہ ڳالهيون غور سان ٻڌجئين پهرين تہ ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائجئين ۽ ٻي ڳالهہ تہ ڪڏهن بہ

پنهنجي پاڻ سان يا ڪنهن ٻئي سان ظلم نہ ڪجئين

منهنجا لختِ جگر تنهنجي معصوم قلب ۾ سمورو قرآن محفوظ آهي توکي معلوم آهي تہ پنهنجي ربّ ڪريم جو ارشاد آهي تہ ڪوڙن تي ۽ ظالمن تي الله جي لعنت آهي.

پاڻ جيڪڏهن ڪوڙ جو ۽ ظلم جو ارتڪاب ڪيو تہ پاڻ قيامت ۾ ربّ جي بارگاهہ ۾ هونداسون تہ پنهنجي مٿان ڇا هوندو. جڏهن رڪوع ۾ هونداسون تہ پنهنجي مٿان ڇا هوندو. جڏهن سجده ۾ ويندا سون تہ پنهنجي مٿي تي ڇا هوندو. جڏهن سحري ڪنداسون تہ پنهنجي مٿان الله جي ڇا هوندي. جڏهن افطاري ڪنداسون تہ پنهنجو ۽ پنهنجي روزي جو ڇا حشر هوندو!!!

جڏهن پاڻ احرام ٻڌي بارگاهِ ايزدي ۾ طواف ڪنداسون تہ پنهنجي سر جي مٿان الله جو ڪهڙي قسم جو طوق هوندو!!!

منهنجا فرزند ان ڪري سچ ڳالهائڻ ۾ پاڻ کي جيڪڏهن ڪا تڪليف پهتي تہ اُها آخرت جي عذاب کان بهتر آهي.

الله پنهنجي پاڪباز بندي کي سندس حق، صداقت ۽ نيڪ نيتي جو عيوض هن کي پنهنجي صفات جو مظهر بنايو ۽ ربّ ڪريم فرمايو تہ تون مُنهنجو پيارو آهين تون منهنجو عزيز ترين بندو آهي تون منهنجو دوست آهين ۽ پوءِ ربّ ذوالجلال والڪرام پنهنجي محبوب دوست کي ايڏي طاقت عطا ڪئي جو هُن ويهن سالن جو ٻڏل ٻيڙو تاريو. ڇاڪاڻ جو الله وڏي طاقت ۽ عظمت وارو آهي.





نماز کي ترڪ ڪندڙ سخت گنهگار آهي اهڙي طرح روزو، زڪوات ۽ حج جي فرض ادائگي نہ ڪرڻ وارو گنگهار آهي پر الله جي لعنت هِن جهان ۾ ۽ هُن جهان ۾ ڪوڙن تي ۽ ظالمن تي آهي!!

## ارشاد باري تعاليٰ

جيڪو الله ۽ اُن جي رسول ﷺ جي نافرماني ڪندو تہ الله اُن کي جهنم جي باهہ ۾ داخل ڪندو جنهن ۾ هو هميشہ رهندو ۽ اُن لاءِ ذلت جو عذاب آهي.

(سورة النساءِ آيت 14)

## حيات النبي صہ

الله وحده پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ فرمائي ٿو:

وماكان الله ليعذبهم وانت فيهم. (8_33)

ترجمو: الله اُنهن تي عذاب نازل ڪو نہ ڪندو (جيستائين منهنجا حبيب تون انهن ۾ موجود آهين) بيشڪ الله جو حبيب حيات النبي ﷺ آهي.

جيڪي بہ چون ٿا تہ هن وقت رسول موجود ڪونهي، اُنهن تي هن وقت ۽ اُنهن جي مٿان هن مٿان ڇا هوندو بہ حڪم خداوندي!!



Gul Hayat Institute

ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ اي منهنجا حبيب هي ساري ڪائنات مون تنهنجي صدقي ۾ پيدا ڪئي آهي.

ان جو مطلب بلڪل واضح آهي تہ خدا کي اسان جي خلقڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪا نہ هئي. مطلب تہ پاڻ ۾ هيءَ ڪائنات حبيبِ ڪبريا جو صدقو آهي.

حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ حبيب ڪبرياصہ فرمايو آهي:

اوهان مان ڪو بہ شخص تيسين تائين مومن نٿو ٿي سگهي جيسين تائين آئون اُن وٽ سندس پيءُ کان، سندس اولاد کان ۽ سيني ماڻهن کان وڌيڪ محبوب نہ ٿيان. (بخاري ۽ مسلم)

## رسول پاڪ صہ جو حڪم:

پاڻ ڪريمن هڪ اصحابيءَ کي سڏيو هُن جواب ڪو نہ ڏنو پن ٽن سڏن بعد حاضر ٿيو پاڻ سڳورن فرمايو تہ تو اسان جو سڏ ٻڌي جواب ڪو نہ ڏنو صحابي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ آئون نماز ۾ هُئس. پاڻ فرمايائون تہ ڇا تو الله جو حڪم ڪو نہ ٻُڌو آهي تہ اوهان کي رسول سڏي تہ سيئي ڪم ڇڏي اُن وٽ حاضر ٿيو. (قرآن)

ان مان ثابت ٿيو تہ وڏي ۾ وڏو فرض بہ ٽوڙي رسول الله حبيب خدا ڏي رجوع ٿيو.





موّحد اُهو آهي جو پنهنجي ڪاوڙ کي قابو ۾ رکي ٿو ۽ درگذر ڪري ٿو.

"والكاظمين الغيظه والعافين عن الناس"

مومن موحد اُهو آهي جيڪو سچ ڳالهائي ٿو ۽ ڪوڙ کان شديد نفرت ڪري ٿو.

مالڪن جو فرمان آهي تہ:

ومن اصدق ينجى والكذب يهلك

"سچائي انسان کي هر آفت کان محفوظ رکي ٿي ۽ ڪوڙ ان کي هلاڪ ڪري ڇڏي ٿو."

صحابي رسول حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: پاڻ سڳوراصہ پنهنجن خطبن ۾ فرمائيندا هئا تہ:

لا دين لمن لا عهد له

جيڪو وعده خلاف آهي اُن جو دين ڪونهي معنيٰ تہ هو بي دين آهي.

حضرت ابو جندل رضي الله عنه زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي بارگاهہ رسالت ۾ حاضر آهي

پنهنجي جسم تي ٿيل تشدد جا نشان ڏيکاري ٿو عرض ڪري ٿو تہ منهنجا مالڪ مونکي اهلِ مڪہ سخت تڪليفون رسايون آهن

Gul Hayat Institute

مونکي پاڻ سان مدينہ وٺي هلو پاڻ پنهنجي اصحابي جي حالت ڏسي آب ديده ٿيا ۽ ان کي وٺي هلڻ کان فقط ان ڪري انڪار ڪيئون تہ ڪفارِ مڪ سان اسان جو معاهدو ٿيل آهي.

## مومن

مومن اُهو آهي جيڪو ڪسب حلال کائي ٿو

الله سائين پنهنجي پاڪ ۽ سچي ڪلام ۾ فرمائي ٿو:

”وَلَا تَأْكُلُوٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ“

(سورة البقره: آية188)

پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو مال ناجائز طريقي سان نہ کائون

نبي پاڪ جو ارشاد پاڪ آهي تہ:

”حرام رزق تي پلجڻ وارا جهنم جي باهہ جو ڪاج آهن.“

منهنجي لاءِ الله ۽ اُن جو رسول ڪافي آهي.

جناب رسالت مآبﷺ جي بارگاهہ ۾ جڏهن صدّيق اڪبر پنهنجو مال ۽ دولت جو نذرانو خدمتِ اقدس ۾ پيش ڪيو تہ ڏهين سرڪار دوعالمﷺ فرمايو تہ پوئتي لاءِ ڇا رکيو اٿوَ مالڪن جي ان حڪم تي صدّيق اڪبر فرمايو تہ:

”الله ۽ اُن جو رسول“

شاعر مشرق بہ ان ڳالهہ جي شاهدي ان طرح ڏني آهي:

”صدیق کے لیے ہے خدا کا رسول ﷺ بس“!!!





## شرڪ

وڏن گناهن مان وڏو گناهہ شرڪ آهي

ذات الاهي جو وڏو دشمن مُشرڪ آهي

خدائے لَم یَزل پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ فرمايو آهي تہ:

”اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدِ افْتَرٰٓى اِثْمًا عَظِيْمًا“

ترجمو: الله وحده لا شريڪ شرڪ ڪرڻ وارن کي نہ بخشيندو. ان کانسواءِ باقي جنهن کي گهري بخشي ڇڏي، جنهن بہ شرڪ ڪيو اُن وڏو گناهہ ڪيو.

(سورة النساءِ آيت: 48)

زندگي موت، عزت، ذلت، نفعو نقصان خير ۽ شر سڀ الله جي طرفان آهي

سوال ڪندڙ پڇيو تہ خير ۽ شر الله طرفان آهي تہ پوءِ بندي جو ان ۾ ڪهڙو قصور؟

ڇا اوهان الله جو ڪلام ڪو نہ پڙهيو آهي جنهن ۾ ٻن رستن جو ذڪر آهي نيڪي ۽ بدي

نيڪي بہ الله جي خلقيل آهي بدي بہ.

ربّ جو واضح حڪم آهي تہ بديءَ جو رستو منهنجو خلقيل آهي پر اُن تي نہ هلجو. ان رستي جو سربراهہ شيطان آهي، جنهن کي بہ مون خلق ڪيو آهي ۽ اُن بدنصيب منهنجي نافرماني ڪئي آهي. ان ڪري اُن کان پوءِ اُن جي رستي کان پاسو ڪجو ۽ ڇاڪاڻ جو اُن جو



Gul Hayat Institute

رستو سواءِ جهنم جي ٻي ڪنهن بہ طرف ڪونہ ٿو وڃي.

منهنجو رستو نيڪيءَ جو آهي هي اُهو رستو آهي جنهن تي منهنجون نعمتون ۽ رحمتون آهن ۽ اهو رستو سواءِ بهشت جي ٻي ڪنهن بہ طرف ڪو نہ ٿو وڃي ۽ اهوئي رستو مون رب العالمين ۽ رحمت العالمين جو آهي.

انتهائي عظمت وارو درجو نبين جو آهي جن کي فقط رب ذوالجلال منتخب ڪندو آهي، پر اُنهن ۾ بہ اوهان ڏٺو تہ سچن سان گڏ ڪوڙا بہ پئدا ٿيا. ڪيئي بادشاهہ پئدا ٿيا اُن ۾ ڪي نيڪ ۽ ڪي بد هئا. اهڙي طرح سان ڏسندئو ڪائنات جي هر شي ۾ اوهان کي نيڪي ۽بدي گڏوگڏ ڏسڻ ۾ ايندي. مسلمانن ۾ ئي ڏسو تہ ڪي منافق آهن تہ ڪي مومن آهن مطلب تہ ڪائنات جي هر شيءِ ۾ نيڪي ۽ بدي گڏوگڏ هلندا جيستائين قيامت اچي.

نيڪي اها آهي جنهن تي الله پنهنجون نعمتون عطا ڪيون بدي اُها آهي جنهن تي پنهنجو غضب نازل ڪيو اٿس.

هڪ رستو ابوالقاسم ﷺ جو آهي هڪ رستو ابو لهب جو هڪ رستو علي جو هڪ رستو مرحب جو هڪ رستو سيده جو هڪ رستو هنده جو هڪ رستو حق جو هڪ رستو ناحق جو هڪ رستو حسين جو هڪ رستو يزيد جو ٻنهي رستن تي ٻنهي جا پوئلڳ موجود آهن.

يزيد جي وڏي ۾ وڏي شڪست اها هئي جو اُن جي ولي عهد هُن کي ڪوڙو ۽ ظالم چيو. موسيٰ ڪليم، الله جي رستي تي هو فرعون بديءَ جي رستي جو اڳواڻ ٻئي بنده الله جا خلقيل هئا، هڪڙي تي الله جون نعمتون هيون ۽ ٻئي تي الله جو غضب هو.





تحقيق الله نيڪوڪارن کي دوست رکي ٿو.

فرعون پنهنجي عارضي زندگيءَ ۾ بادشاهي ڪئي عيش و عشرت شان شوڪت سان وقت گذاري ويو هليو ۽ هُن جهان ۾ هميشہ لاءِ رهندو ۽ قيامت تائين نہ ختم ٿيڻ واري عذاب ۾ مُبتلا هوندو.

حضرت موسيٰ نيڪي جي رستي تي هلندي ڪيئي تڪليفون برداشت ڪيون اُن جي عارضي زندگيءَ بعد هميشہ هميشہ ابدي سڪون ۽ راحت ۾ آهي.

رشتن کي قائم رکڻ وارو ۽ منقطع ڪرڻ وارو الله آهي.
حضرت نوح پنهنجي پُٽ کي نيڪيءَ جي طرف سڏيو هُن انڪار ڪيو الله هُن جو رشتو توڙي ڇڏيو هميشہ لاءِ.

هڪ مسجد نبوي هئي جيڪا نيڪوڪارن جي نيڪيءَ جو مظهر هئي.

هڪ مسجد ضرار هئي جيڪا بدڪارن ۽ بديءَ وارن جو مظهر هئي، اُن مسجد کي الله جي رسول پنهنجي هٿن مبارڪن سان باهہ ڏني!

اي ايمان وارو الله کان ڊڄو ۽ اُن تائين پهچڻ لاءِ وسيلو ڳوليو. (قرآن)

الله جڏهن نظام ڪائنات ۾ ڪنهن کي اختيار نہ ڏنو آهي تہ الله وٽ اُنهن جي شفارش ڪم نہ ايندي پر اُنهنجي سفارش ڪم ايندي جنهن تي مالڪ حقيقي اجازت بخشيندو. (سورة سبا 23)

مون هڪ زميندار کي ڏٺو جنهن وياج تي پئسا وٺي فصل پوکيو يعني حرام جي ڪمائيءَ مان ۽ ٻين غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جو پاڻي چورائي پنهنجو فصل تيار ڪيو. جن مسڪينن، لُنڊيون لتاڙي رات ڏينهن اُگهاڙي پيٽ بکئي پيٽ سان فصل تيار ڪيو. اُنهن جو حصو به ٺڳيءَ سان، دولاب ۽ ظلم سان هڙپ ڪري ويو اُن حرام جي ڪمائيءَ مان پنهنجو غليظ ۽ گندو پيٽ يعني پيٽ ڀرئين ۽ اُن حرام جي پئسن مان ڪپڙا خريد ڪري پنهنجي ناپاڪ جسم کي اُگهاڙو ڪيائين ۽ اُن بعد هُن چورايل پاڻي سان وضو ڪري نماز لاءِ مسجد ويو. نيت ان سان ته ماڻهو هن کي عبادت گذار سمجهن، ان ڪري جو هُن کي ٺڳي ۽ ظلم ڪرڻ ۾ وڏيڪ آساني ٿئي. هُن نماز پڙهندي الله کي ڏٺو ۽ نه الله هُن کي ڏٺو!!

آخرت تي ايمان نه رکڻ وارو ڪافر آهي.

ظالم يعني ظلم ڪرڻ واري جو آخرت تي ايمان ڪو نه هوندو آهي.

روزي رکڻ کان وٺي روزي افطار ڪرڻ تائين هر حلال شيءِ روزيدار لاءِ حرام آهي.





منهنجو ڪلهو بازار مان لگهندي هڪ روزيدار کي لڳو، هُن مونکي گار به ڏني ۽ چماٽ به هٽي ڪڍئين.

مون هُن بدبخت ۽ بدنصيب تي غور ڪيو ته الله هُن تي پاڪيزه ۽ حلال شيون ته حرام ڪيون پر هُن پليت، ناپاڪ، غليظ شيءِ کي ڪيئن نه ڳڙڪائي ويو!!

بي شڪ منهنجو ربّ وڏو انصاف ڪندڙ آهي.“

# نسبت

دربار رسالت مآب ۾ ملڪ يمن جي مال غنيمت ۾ هڪ عورت به هُئي، پاڻ هُن جي احترام ۾ پنهنجي چادر مبارڪ وڇائي اُن تي هُن عورت کي ويهارئيون. هي چادر ڪنهن بادشاهه يا شهنشاهه جي ڪا نه هُئي پر شاهنشاهه ڪونين سرور دوعالم جي هُئي جنهن جو ذڪر الله ڪيو آهي. پاڻ سڳورن هُن عورت کي جنهن جو نالو ”سفانه“ هئو اُن کي نهايت عزت ۽ احترام سان آزاد ڪري سندس مُلڪ روانو ڪيو. صحابه ڪرام عرض ڪيو ته هن عورت نه ڪلمون پڙهيو نه نماز ۽ نه روزو رکيو نه مسلمان، پوءِ به هن جي ايڏي عزت، احترام ۽ شفقت. پاڻ ڪريمن سڳورن فرمايو ته اوهان کي معلوم هجي ته هن جي اُن شخص سان نسبت آهي جيڪو پنهنجو وقت جو هڪ شخص مرد ٿي گذريو آهي جنهن جو نالو حاتم بن عدي هو.

هڪ غير مسلم عورت جي عزت ۽ احترام نبي

آخرالزمان ان ڪري ڪئي جو هوءَ هڪ غير مسلم پر سخي مرد جي نياڻي هُئي!!

”الله وٽ اُن جي سفارش ڪم ڪا نه ايندي پر اُنهن جي سفارش ڪم ايندي جنهن کي مالڪ حقيقي اجازت بخشيندو.“ (قرآن. سبا 23)

الله وحده لاشريڪ ڪنهن جي سفارش قبول ڪندو؟ الله ڪنهن کي اجازت ڏيندو؟ الله توکي اجازت ڏيندو؟ نه نه هرگز نه. الله مونکي اجازت ڏيندو؟ نه نه هرگز نه.....ته پوءِ الله ڪنهن کي اجازت ڏيندو؟

رب ڪعبه جو قسم ته اجازت جا اهوئي مستحق آهن جن تي رب العالمين جون نعمتون ۽ رحمت العالمين جون رحمتون آهن نه اُنهن تي جن تي رب العالمين جو غضب ۽ رحمت العالمين جون زحمتون آهن.“

حديث پاڪ ۾ آهي ته جڏهن الله جي حضور ۾ حاضر ٿيو ته ائين سمجهو ته اوهين الله کي ڏسي رهيا آهيو جي نٿا ڏسي سگهوته ائين سمجهو ته الله اوهان کي ڏسي رهيو آهي.

لطيف سرڪار فرمايو آهي ته:

نمازون ۽ روزا اهو چڱا ڪم آهن پر اُهو ڪو ٻيو فهم آهي جنهن سا تون پرين کي پسي سگهين ٿو. اُهو فهم ڪهڙو آهي فهم اهو آهي جنهن سان تون پنهنجي رب کي





سُڃاڻين يا رب توکي سُڃاڻي اهو فهم آهي صبر، شڪر، اخلاق، حرام کان پاسو ڪرڻ گلا ۽ غيبت کان پري رهڻ، جڏهن پنهنجي پيٽ جي دوزخ کي پرين تڏهين اهو به سوچ ته تنهنجي پاسي اوسي ڪو بکايل ته ڪونهي. تنهنجو ڪوڙ ۽ ظلم سان تعلق ته ڪونهي جي آهي ته پوءِ تنهنجو آخرت تي ايمان ڪونهي جنهن جو آخرت تي ايمان ڪونهي اُن جي نماز باطل ۽ عذاب جو مڪمل سامان آهي!!

منهنجي پير فقير جو فرمان آهي ته جيستائين تنهنجي تصور ۾ محبوب ناهي ته تنهنجي نماز به قضا آهي.

المقصد ته طالب، دنيا جي نماز ۽ طالبِ مولٰي جي نماز ۾ ايترو فرق آهي جيترو منافق ۾ ۽ مومن ۾!!

”اسلام کے دامن میں اب اس کے سوا کیا ہے
اک ضرب یداللّٰهی اک سجدۂ شبّیری“

سڀ کان اهم رُڪن ۽ عبادت ۽ ايمان جو اهم جُز نماز آهي. ارشاد الاهي آهي:

”اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ“

”نماز کي قائم ڪريو ۽ مشرڪن مان نه ٿيو“

حديث پاڪ ۾ آهي ته:

”راس الامر الاسلام وعموده الصلوات“

”دين جو اصل بنياد خدا ۽ اُن جي رسول آڏو سر تسليم ڪرڻ آهي ۽ ان عمارت جو سُتون نماز آهي جڏهن عذاب جا فرشته دوزخين کان سندن جهنم ۾ وڃڻ جو سبب

پڇندا تڏهن اهي ٻڌائيندا ته:

قالوالم نك من المُصلين

اسين نماز پڙهڻ وارن مان نه هئاسون

نماز جي ادائگي کان انڪار ڪرڻ وارو الله جي معبوديت جو انڪاري آهي.

حديث پاڪ ۾ ارشاد آهي ته:

من ترك الصلوات متحمدًا فقد كفر

جنهن به ڄاڻي واڻي نماز ترڪ ڪئي اُن ڪافرن جي روش اختيار ڪئي.

نبي پاڪ فرمايو آهي ته:

اول ماسئل، سئل عن الصلواة

قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهرين نماز جو پُڇاڻو ٿيندو.

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه پنهنجن عقيدت مندن ۽ مريدن سان ٺٽي جي هڪ مسجد ۾ تشريف رما هئا هڪ پيرسن عورت حاضر خدمت ٿي ۽ روئي عرض ڪيائين ته مرشدن جا مرشد مونکي ڪافي عرصي کان درد شقيقه جي شديد تڪليف آهي، ڪافي علاجن ڪانپوءِ به تڪليف وڌندي رهي ٿي، پاڻ اهو ٻڌي سوره فاتحه پڙهي دعا ڪيائونس الله جي قدرت سان مرشد فقير جي دُعا سان مائي کي شفا ملي، سندن ڪچهريءَ ۾ ويٺل هڪ شخص اهو لقاءُ ڏسي پنهنجي ڳوٺ ويو ۽ اتي پڙهو ڏيارئين ته جنهن کي به مٿي جو سور يا ڪو به سور هجي ته مون وٽ





هليو اچي. اها ڳالهه ٻڌي ڳوٺ جا ٻه چار ڄڻا وٽس آيا ڪنهن چيو ته مونکي مٿي ۾ سور آهي ڪنهن چيو ته مون کي بخار آهي هن سوره فاتحه اُنهن تي پنجاهه دفعن کان به وڌيڪ پڙهي پر مريض کي فائدي بدران ٻيڻو سور شروع ٿيو آخرڪار نااُميد ٿي هن وٽان اُٿي هليا ويا. هي شخص ٻئي ڏينهن حضرت سرور شاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائين ته قبلا سائين ڪلام رب جو آهي يا نوح جو پاڻ فرمايائون ته ڪلام رب جو آهي. شخص وري عرض ڪيو ته اوهان هڪ دفعو سوره فاتحه پڙهي ته مائيءَ کي شفا ملي ۽ مون پنجاهه کان به وڌيڪ پيرا پڙهي ماڻهن تي شوڪارو ڪيو آهي ته ڪو به فائدو ڪو نه ٿيو آهي. پاڻ اهو ٻڌي فرمايائون ته اي شخص بي شڪ ڪلام رب جو آهي پر اُن لاءِ زبان نوح جي هُجي!!

حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه هڪ قافلي سان حج لاءِ سنپري نڪتا رستي ۾ هڪ شخص کي روئندو ڏسي اُٿ تان لهي وٽس ويا ۽ اُن شخص کان روئڻ جو سبب دريافت ڪيائون. اُن عرض ڪيو ته هي قافلو حج تي وڃي پيو مون دل ۾ سوچيو ته مون وٽ پئسه هجن ها ته هوند آئون به هن قافلي سان گڏجي وڃان ها.

پاڻ اهو ٻڌي اُن شخص کي چيائون ته اسين هي چوٿين حج تي وڃون پيا مون جيڪي چار حج ڪيا آهن اُن جو ثواب آئون توکي ٿو ڏيان اُن جي بدلي ۾ تون پنهنجي انهن ڳوڙهن جو ثواب مونکي ڏي!

# قرآن حڪيم ۾ چار شاديون

ڪلام رباني، الله وحده جو اهو پاڪ ڪلام آهي جنهن ۾ ازل کان وٺي ابد تائين هر ڳالهه موجود آهي. هن پاڪ ڪتاب ۾ جيڪي به آهي اُهو فرمان الاهي آهي ان کي دنيا جي ڪا به طاقت ان ۾ ردوبدل نٿي ڪري سگهي. ڇاڪاڻ جو هن پاڪ ۾ مقدس ڪتاب جو محافظ خود الله جي ذات آهي.

ڪلام الاهي ۾ صاف ۽ واضح اکرن ۾ آيل آهي ته:

”اوهان مان هرگز نٿو ٿي سگهي ته هڪ کان وڌيڪ زالن ۾ برابري قائم رکي سگهو. ڀلي اوهان جي ڪيڏي به خواهش ڇو نه هجي. پوءِ هڪ ئي طرف جهڪي وڃي ۽ ٻيءَ کي جڻ ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن اوهان کي ڊپ هجي ته انصاف ڪري نه سگهندا ته هڪ ئي زال تي اڪتفا ڪريو. هيءُ طريقو اوهان کي ناانصافيءَ کان بچائڻ جو ضامن آهي.“ (القران)

جيڪو الله ۽ اُن جي رسول جي نافرماني ڪندو ته الله اُن کي جهنم جي باهه ۾ داخل ڪندو جنهن ۾ هُو هميشه رهندو ۽ اُن لاءِ ذلت جو عذاب آهي. (سورة النساءِ آيت: 14)





# فيصلو

پاڻ ڪريم ﷺ الله سائين ؑ کي شاهد بنائي فرمائيندا هئا آئون حسين سان بي انتها محبّت ڪريان ٿو.
(صحيح مسلم جلد ٻيو ص 282)

الله جي نزديڪ پسنديده انسان اُهو آهي جيڪو ”متقي آهي“، متقي اُهو آهي جنهن جو قيامت ۾ ڪو دامن گير نه هجي.

سڀ ڪنهن جي محبّت جو معيار پنهنجو آهي جيڪا تنهنجي نظر ۾ سٺي شيءِ آهي ٿي سگهي ٿو ته ٻئي جي نظر ۾ اُها خراب هجي، جيڪا شيءِ توکي وڻي ٿي ضروري ناهي ته اُها ٻئي کي به وڻي.

ذڪر حسين' مومن لاءِ سوره الحمد آهي!

ڪفّار قريش الله ؑ کي مڃيندا هئا مومن تڏهن ٿيا جڏهن رسول الله ﷺ کي مڃيئون.



Gul Hayat Institute

# درويش

سوين سالن جي هڪ خستہ قبر ۾ دفن ٿيل درويش بارگاهہ ايزدي ۾ عرض ڪيو:

اي خالق، ارض و سما هڪ دفعو اُها دنيا ڏسان جتان تو گهرايو آهي.

بارگاهہ ربّ العزّت ۾ دُعا قبول پئي، درويش قبر مان ٻاهر نڪتو. رات جي سناٽي ۾ سُنسان قبرستان ۾ درويش جي نظر ڪُتن تي پئي جيڪي هڪ ڪُتي کي بيدرديءَ سان چيري ڦاڙي رهيا هئا. درويش پڇيو توهان هن تي ايڏو ظلم ڇو پيا ڪريو. ڪتن چيو تہ هن اسان کي غليظ گار ڏني آهي تہ اوهين ڪي ”انسان جا ڦر ٿا ڏسجو“

درويش دانهون ڪندو واپس قبر ۾ هليو ويو!!

# چورافسانو

هڪ ماڻهو پنهنجي گڏهہ کي بي رحمي سان ماريو پئي، ڪنهن هُن کي چيو گگدام کي ڇو پيو مارين. هي چور آهي هن تنهنجوءِ منهنجو نالو پاڻ تي رکي ڇڏيو آهي!!

- ”شهر ايترا وڏي ويا آهن جو ديوانن لاءِ ويرانہ بہ ڪو نہ رهيا آهن“
- زندگيءَ جي منزل فنا آهي فنا جي منزل بقا آهي.





هي دنيا پنهنجي محور ۾ نهايت تيزيءَ سان ڦري پئي، ظاهر آهي تہ هن دنيا ۾ رهندڙ ماڻهو بہ ڦرن پيا اُنهيءَ تيزي سان ان ڪري ٿي هڪ ٻئي جي ڳالهہ نٿا سمجهن مثال تہ هڪ ڦرٽي ڦري پئي ۽ اُن ۾ ويٺل بہ اُنهي تيزيءَ سان ڦرن پيا، پوءِ ڪيئن هڪ ٻئي جي ڳالهہ ٻڌندا. سواءِ دانهن ۽ ڪُوڪن جي!

وَاِنّ من شيعه الا ابراهيم ان جاءَ ربه بقطب سليم.

بي شڪ ابرهيم بہ اُنهن جي شيعن مان جڏهين هو پاڪ ۽ صاف دل سان پنهنجي رب جي طرف وڌيو.
(سوره صافات، آيت: 83_84)

”فَاسْتَغَاثَهُ الَّذِىْ مِنْ شِيْعَتِهٖ عَلَى الَّذِىْ مِنْ عَدُوِّهٖ فَوَكَزَهٗ مُوْسٰى“

جڏهين موسيٰ جي شيعہ پنهنجي دشمن جي مدد لاءِ پڪاريو تہ موسيٰ هُن جي دشمن کي مُڪ هنئين.
(قصص، آيت: 15)

جڏهن ڪنهن بہ شيءِ مان نفعو حاصل ڪريو تہ پنجون حصو رسول ﷺ جي قرابتدارن کي ڏيو.
(انفال، آيت: 18)

الله سائين فرمائي ٿو تہ: اُن ڏينهن کان ڊڄو جڏهن دل غم سان پرجي گلي تائين ايندي ۽ رن وقت ظالمن جو



Gul Hayat Institute

ڪو بہ دوست نہ هوندو ۽ نہ اُنهن جي شفارش قبول ڪئي ويندي. (المومن: 18)

مون هڪ اعليٰ آفيسر ڏٺو جنهن پنهنجي ڏاڍ ۽ طاقت جي زور تي هڪ ظالم ڪان رشوت وٺي هڪ مظلوم بي پهچ ۽ يتيم جي ملڪيت ظالم جي حوالي ڪئي. هن اعليٰ آفيسر هڪ ظالم خونيءَ کي ٻگري رشوت جي عيوض آزد ڪري هڪ غريب مسڪين واٺ ويندڙ بي پهچ کي گرفتار ڪري ڦاسيءَ تي چاڙهي ڇڏيو.

هُن هر ظلم و ستم روا رکندي ايتري تہ دولت، مال ۽ ملڪيت ٺاهي جو هُن محسوس ڪيو تہ هُن جي دل، دماغ آنڊا، جگر، ڦڦڙ، جيرا ۽ ٻُڪيون سڀ سون ۽ چانديءَ جون آهن ۽ هُن جي جسم ۾ گردش ڪندڙ خون ٿهڪندڙ سون جي پاڻيءَ جو آهي ۽ رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ هُن پهريون پروگرام حج تي وڃڻ جو ڪيو!!

مون پاڻ ڏٺو 2 نومبر 1995 جي رات جو 17 اولياءَ الله جو سجّاده نشين منهنجو حبيب پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو آئون بہ سندن سامهون ويٺو هئس سندن سيڪريٽري کين ڪاغذ ڏيندو ويو ۽ اُهي پڙهندا ويا ڪن تي صحيحون پي ڪيون ڪن کي واپس پي ڪيئون ۽ ڪي پاڻ وٽ پي رکيائون، هڪ ڪارڊ پاڻ کوليون ان ۾ کين مدعو ڪرڻ لاءِ





چيو ويو هو تہ اسلام آباد ۾ جناب خاتونِ اطهر سيد النساءِ بنت محمد رسول الله جي شان ۾ هڪ مجلس منعقد ڪئي وئي آهي مون سندن چهره مبارڪ کي ڏٺو پاڻ ايترو جهڪي ويا اسم مبارڪ پڙهندي ۽ سندن ساڄو هٿ مبارڪ بي ساختہ سيني مبارڪ تي وڃي ٿو ۽ ايتري تائين هو جيستائين پاڻ اُهو دعوت نامہ پڙهيا پئي تہ سندن دستِ مبارڪ سيني سان چنبڙيل هو ۽ اکڙين ۾ ڪي هزارين درياهہ هئا جيڪي موجزن هئا، ٻيا بہ ويٺل هئا پر مون جيڪي ڏٺو سو فقط مون پاڻ ڏٺو.

بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي.

مومن موحد اُهو آهي جيڪو صابر ۽ شاڪر آهي.

خدا کي خدا جي دوستن ۾ ڳوليو.

دولت فرعون جي ميراث آهي اُن جا وارث دولت مند آهن.

گذريل صديءَ ۾ ماڻهو چريا ٿيندا هئا هن صديءَ ۾ ماڻهو چتا ٿيندا آهن.

ذلت جي آزادي کان عزت جي غلامي بهتر آهي.

بقا جي منزل فنا کان پوءِ حاصل ٿيندي.

ظلم، زبردستي ۽ مُنافقي اُهو ڪندو آهي جنهن جو آخرت تي ايمان نہ هوندو.

گل ۾ سونهن ۽ خوشبو فقط ان ڪري آهي جو هو ڏک ۽ سُک ۾ برابر جو شريڪ آهي.

هر فرقي جي پنهنجي جنت ۽ پنهنجو دوزخ آهي.

روح جسم مان نڪرڻ لاءِ مسلسل ڦٿڪي پيو





رياڪار جي نماز توشئہ جهنم آهي

تو غور ڪيو آهي تہ جنهن پيٽ لاءِ تو رشوت ورتي، چوري ڪئي ڪوڙ مڪاري، دغا بازي ڪئي، پراون جي ملڪيت تي قبضا ڪيا دنيا جي خاطر دين وڪيئي انهن سيني جي بدلي ۾ تنهنجي پيٽ مان ڇا نڪتو؟

روح تيستائين ڦٿڪندو رهي ٿو جيسيتائين قيدخاني ۾ آهي

ظالم جو ڪو بہ دين ڪو نہ هوندو آهي

مون دنيا جا فيلسوف ڳوليا، سرِ فهرست وتايو فقير نظر آيو.

ڪتو انسان وانگر نہ ٿو ڳالهائي سگهي ليڪن انسان ڪتي وانگر ڳالهائي سگهي ٿو.



Gul Hayat Institute

هر سوال جو جواب آهي سواءِ خاموشيءَ جي.

ڪائنات ۾ اهڙي ڪابه شيءَ ناهي جنهن تي تنقيد نه ڪري سگهجي

جي موت نه هجي ته پوءِ زندگي موت آهي

سنڌ سڪرات ۾ آهي ته ڇا ٿيو لطيف جهڙو مسيحا ته موجود آهي

مومن اُهو آهي جنهنجو آخرت تي ايمان آهي.

انسان قبر مان نڪتو آهيءِ واپس قبر ۾ ويندو

دعا ۽ دوا آخر انسان کي ڪيسين تائين جيئرو رکنديون.





اشرف المخلوقات اُهو آهي جنهن ۾ انسانيت آهي اُهو انسان خنزير کان وڌيڪ ناپاڪ بي غيرت آهي جنهن ۾ انسانيت ناهي.

انسان واحد مخلوق آهي جيڪا پنهنجي پسند تي جنت ۽ دوزخ جو انتخاب ڪندي آهي.

ڪُتي کي ڪُتو نه چوڻ ڪُتي جي بي عزتي آهي.

## سوال

زندگي خواب آهي يا خواب زندگي آهي.

## منزل

منزل جي معنيٰ اُها آهي جتي پهچڻ کان پوءِ واپسي ناممڪن هُجي.



Gul Hayat Institute

ظلم ڪرڻ يعني ظالم جو ۽ ڪوڙي جو آخرت تي ايمان ڪونہ هوندو آهي.

هر انسان جي تمنا آهي تہ جلدي مرجي.

هڪ پاسي باهہ ٻئي پاسي پاڻي ڪيڏانهن ويجي!؟ پاڻيءَ سان باهہ کي وسائي ڇڏ.

ظالم اُهو آهي، جنهنجو آخرت تي ايمان ناهي ۽ ظالم تي الله ﷻ جي لعنت آهي.

ٻن دوستن جي وچ ۾ ٽنگ اڙائڻ وارو رقيب سڏبو آهي.

ياد رکو الله جا محبوب بنده الله جا دوست آهن ۽ الله بہ انهن کي دوست رکي ٿو.





تون هِن دنيا ۾ آئين توکي خبر آهي
بلڪل نہ!
تون هِن دنيا مان هليو
وئين خبر ٿئي بلڪل نہ
تون هِن دنيا جي سنڀالڻ وارو
بادشاهہ هئين خبر اٿئي
بلڪل!!! هيئرن آهين
بلڪل نہ!! ڪٿي آهين!!
خبر ڪانهي!!!

Gul Hayat Institute

# ضميمو







Gul Hayat Institute

## ساقي سروري:

سنڌ سونهاري جي علمي ۽ ادبي تاريخ صدين کان وٺي وڏن وڏن عالمن، اديبن ۽ سخن ورن سان پُري پئي آهي، ان جي مطالعي مان خبر ٿي پوي ته سنڌ جي سپوتن اڪيلي سر يا مجموعي طور تي پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ کي شاندار بنائڻ لاءِ ڪيڏي نه عظيم خدمت انجام ڏني آهي. انهن اڳوڻن بزرگن تي جيترو به ناز ڪجي اُهو گهٽ آهي. ”متعلوي سادات“ جو شمار به انهن ۾ ئي ٿئي ٿو.

سيد علي احمد شاهه ”ساقي سروري“ متعلوي سادات جي اجناڻي شاخ جو فرد آهي. پاڻ هن صديءَ جي ٽيئين ڏهاڪي ۾ پيدا ٿيو ۽ پنجين ڏهاڪي ۾ شاعريءَ جي آغاز ڪرڻ سان علم جي ميدان ۾ داخل ٿيو. اڄ تائين ساڳئي جوش ۽ جذبي خدمت سان پنهنجي منزل تي وڌندو وڃي پيو. پاڻ بنيادي طرح شاعر آهي پر سندس نثر به بيحد دلچسپ ۽ فڪر انگيز آهي. سندس اشعار ۾ رواجي مجازي رنگ يعني هجر و فراق، آهُن ۽ دانهن، انتظارن ۽ اوسيئڙن کان سواءِ زندگيءَ جون تلخ حقيقتون ۽ مسئلا پڻ نمايان آهن.

### حسب ۽ نسب:

سيد علي احمد شاهه بن سيد مٺن شاهه بن سيد حاجي حافظ حيدر شاهه ”حيدر“ بن سيد مير علي شاهه بن احسان شاهه بن سيد مير علي شاهه اولياء بن سيد حسن عرف





ڀيرڏٽي بن سيد آدم بن سيد ابوبڪر بن سيد ڪمال بن سيد ابوبڪر عرف بڪر بن سيد جلال عرف جراڙ بن سيد شرف الدين بن سيد مير علي بن سيد حيدر شاهه بن سيد مير علي هراتي بن سيد محمد بن سيد حسين بن سيد مير علي شاهه بن سيد احمد بن سيد محمد عرف حسين بن سيد يوسف عرف ابراهيم بن سيد علي الحسين بن جعفر الثاني الحواري بن سيدنا حضرت موسيٰ ڪاظم بن سيدنا حضرت جعفر صادق بن سيدنا محمد باقر بن سيدنا امام زين العابدين بن حضرت سيدنا امام حسين عليه السلام ابن سيدنا امام علي المرتضيٰ عليه السلام.

### ولادت:

سندس جنم، 11ـ ڊسمبر 1936ع بمطابق 27 رمضان المبارڪ 1355هه تي جمعي جي ڏينهن، الهداد چنڊ جي ڳوٺ حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ سيد مٺن شاهه جو چوٿون نمبر فرزند آهي.

حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر صاحب جن مٿس ٻانگ جو نالو ”علي احمد شاهه“ رکيو. جمعه جي نسبت ڪري والدين ۽ ٻيا وڏا ڪيس ”جمن شاهه“ ۽ سندس ڀائٽيا وغيره پيار مان ”چاچا اَمنو“ سڏيندا آهن.

سيد حيدر شاهه ”حيدر“ ۽ سيد احسن الهاشمي جن سندس ولادت جي بي انتها خوشيءَ ۾ هڪ گڏيل نظم لکيو جنهن ۾ پنهنجي دلي ڪيفيت ۽ مسرت کان سواءِ سائين علي احمد شاهه جي معصوم سونهن جو پڻ اکين ڏٺو احوال لکيو هئائون، پر افسوس اهو نظم هاڻي دستياب ڪونهي.

## شادي:

شاهه صاحب جي شادي خانه آبادي 25 ورهن جي عمر ۾ ڪراچي جي بخاري ساداتن مان 2_ مئي 1962ع بمطابق 27 ذوالقعد 1381هه تي ڪراچي ۾ ٿي.

سندس سهرو سيد نور محمد شاهه عرف محمود شاهه بخاري هڪ نيڪ سيرت ۽ جهان ديده شخص هئو جنهن جو انتقال 19_ آگسٽ 1974ع بمطابق 30 رجب 1394هه ۾ ٿيو.

سيد علي احمد شاهه سان گڏ سندس نندي ۽ بيحد پياري ياءُ دوست سيد امير علي شاهه مرحوم جي شادي به ساڳي هنڌان ۽ ساڳي تاريخ تي ٿي.

## اولاد:

الله پاڪ ﷻ جي فضل و ڪرم سان ڪيس هڪڙي نياڻي ۽ ٽي فرزند آهن. پاڻ هن وقت نانو به آهي ته ڏاڏو به آهي. سندس فرزندن جا نالا ۽ سندن ولادت جي تاريخ هيٺينءَ ريت آهي:

1_ سيد ذوالفقار احمد شاهه
(ڪيس پيار مان "زلفو" سڏيندو آهي)
7_ جولائي 1965ع/7_ ربيع الاول 1385هه/بروز اربع

2_ سيد انيس احمد شاهه (انُو)
9_ سيپٽمبر 1966 بمطابق 23 جمادي الاول 1386هه بروز جمع.

3_ سيد نفيس احمد شاهه (نفُو)
15_ مئي 1970ع/8_ ربيع الاول 1390هه بروز جمع.





## تخلص:

ابتدا کان وٺي 1980ع يا 1981ع تائين يا ٿورو بعد تائين "ساقي" تخلص طور استعمال ڪيو اٿس. گرامي صاحب مشهور رسالي شاعر جي "رفيقِ حيات نمبر" ۾ سندس تخلص "ساقي حيدرآبادي" لکيو آهي. غالباً 1981ع بعد "عادل" ۽ "ساغر" تخلص تي شاعري ڪئي اٿس پر بالآخر 1986ع کان وٺي "ساقي سروري" اختيار ڪري ان تي ئي شاعري ڪندو آهي.

## شعر و شاعري:

علم و ادب سان شوق ۽ لاڳاپو ورثي ۾ مليو اٿس. هونءَ ته متعلوي ساداتن ۾ بيشمار عالم ۽ اديب ٿي گذريا آهن مگر رڳو اجناڻي سيدن جي گذريل ٽن چئن سون سالن جي حالاتِ زندگيءَ جو مطالعو ڪبو ته سيد حسن عرف ڊيرڏٽي کان وٺي سيد مير علي شاهه اولياءَ، سيد حيدر شاهه اول، سيد فتح محمد شاهه وغيره جهڙا ڪيئي وڏا وڏا بزرگ ۽ عالم ملندا، جن پنهنجي علم و فضيلت جي ذريعي وڏيون خدمتون انجام ڏنيون آهن. علي احمد شاهه کي ابتدا کان وٺي ڪتابن جي مطالعي جو جنون جي حد تائين شوق رهيو آهي. سندس والد بزرگوار جن جو فقير جي پڙ ۾ مشهور ڪتابن جو دڪان "سيد مٺن شاهه اينڊ سنز" نالي هوندو هئو. جتي پاڻ عموماً وڃي ويهندو هئو. سائين مٺن شاهه جن جو دڪان جي ڪم ڪار ۾ هٿ به ونڊائيندو هو



Gul Hayat Institute

۽ گڏوگڏ مذهب، تاريخ، شاعري ۽ ادب جا ناياب شاهپارا پڙهي پنهنجي شوق جي تڪميل ڪندو هو ان ڪري اسلامي تاريخ جي وڏي ڄاڻ ٿو رکي.

سندس شاعريءَ جو آغاز حضرت قبله مخدوم محمد امين فهيم جن سان گڏ ڇيل هڪ مشترڪ غزل سان ٿيو جنهن جي مطلع هي آهي:

بلندي تي ڪيو بيهي مون اقرارِ وفا يارو
زمين وارا مگر مون کان ٿين ڇو ٿا خفا يارو

هي شعر 12- سيپٽمبر 1955ع مطابق 24 محرم 1375هه تي حيدرآباد ۾ گڏجي لکيائون جتي مخدوم صاحب جن دريا جي ٻوڏ جي ڪري عارضي طور هجرت ڪري اچي رهيا هئا. پاڻ تڏهن کان وٺي مسلسل شاعري ڪندو رهيو آهي. سندس غزل، قطعات، ۽ نظم ڏاڍا وڻندڙ آهن. انهن کان علاوه پاڻ منقبت، سهرا وغيره به چيا اٿس. سنڌي کان سواءِ اردو ۾ به لکندو آهي. شاعريءَ ۾ حضرت قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سندس استاد آهن.

پاڻ "بزمِ طالب المولىٰ حيدرآباد" ۽ "بزمِ امين" جو بنيادي ميمبر آهي. مرڪزي بزم طالب المولىٰ جي مرڪزي ڪائونسل جي رڪن طور به خدمات انجام ڏنيون اٿس.

"بزمِ طالب المولىٰ" ۽ "جميعت الشعرا سنڌ" جي وڏن مشاعرن ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري داد حاصل ڪندو رهيو آهي.

جيتوڻيڪ سيد علي احمد شاهه جو شمار هن وقت سٺن غزل گو شاعرن ۾ ٿيئي ٿو مگر منهنجي راءِ موجب





'قطعه' چوڻ تي ڪيس وڏي دسترس حاصل آهي. سندس شاعريءَ ۾ چند خداداد خوبيون آهن جيڪي خاص طرح ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان:

(1) وزن بحر ڪونه ڇاٽي پر سندس سچي شاعري موزون ڇيل آهي.

(2) هر غزل ۾ هر مصرع طرح جي دُهن ناهي اُن تي جهونگاريندي شعر ٺاهيندو آهي.

(3) 'في البديه' مشاعرن ۾ وڏي دلچسپيءَ سان شرڪت ڪندو آهي ۽ اسان ڪي به اهڙن امتحانن ۾ وجهندو رهندو آهي، حيرت جي ڳالهه آهي ته انهن مشاعرن ۾ به مقرر وقت يعني ڪلاڪ ڪن جي اندر بهترين غزل وغيره لکي ڏيکاريندو آهي.

"ڏات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي."

10/ سيپٽمبر 1994ع
3/ربيع الثاني 1415هه
ڇنڇر، صبح جا 6
ڊفينس بنگلو ڪراچي

**مخدوم جميل الزمان**

نوٽ: ساقي سروري جي هيءَ سوانح سندس ڪتاب سنگِ در تان ورتل آهي.



Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute



حضرت قبلہ مخدوم امين فهيم سائين، سيد علي احمد شاھ ۽
سيد سڪندر شاھ تاج محل آگره ۾.

Gul Hayat Institute



حضرت قبلہ مخدوم امين فهيم سائين، سيد علي احمد شاهه
۽ ٻيا جئه پور جي هڪ هوٽل ۾



حضرت امير خسرو جي مزار آڏر ”ساقي سروري“ ، مخدوم عقيل الزمان
۽ اسلم پيرزادو

Gul Hayat Institute



حضرت قبلہ مخدوم امين فهيم سائين سيد علي احمد شاهہ ”ساقي سروري“،
سيد سڪندر شاهہ، فرحان جوڻيجو، سيّد علي محمّد شاهہ، وڏيرو علي حسن
هنگورجو، محمّد اسلم پيرزادو ۽ وزارت تجارت پاڪستان جا آفيسر،
جئه پور جي هوٽل ۾

Gul Hayat Institute



سيد علي احمد شاهه اجناڻي ”ساقي سروري“
پنهنجن پوٽن ۽ ڏوهٽن سان گڏ

Gul Hayat Institute